روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو 28 جولاءِ 2023 ع بمطابق 09 محرم الحرام 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 62

”فوج خلاف ڳالهائڻ ڏوھ قرار“: آرمي ايڪٽ ترميمي بل منظور

پي ٽي آءِ جا سينيٽرز احتجاج بعد واڪ آئوٽ ڪري ويا، آرمي ايڪٽ ۾ ترميم وارو بل دفاع واري وزير خواجا آصف پيش ڪيو

سرڪاري حيثيت ۾ ملڪي مفاد ۽ سلامتيءَ واري معلومات جو غير مجاز انڪشاف ڪندڙ شخص کي 5 سال سخت قيد جي سزا ملندي

فوجي اهلڪار رٽائر ٿيڻ کانپوءِ 2 سالن تائين سياسي سرگرمين نہ ڪري سگهندو، حساس ڊيوٽي تان رٽائر ٿيندڙ شخص 5 سالن تائين سياست ۾ حصو نہ وٺي سگهندو

فوج خلاف نفرت پکيڙيندڙ شخص کي 2 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ملندي، سينيٽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم واري حڪومتي بل جي اڪثريتي راءِ سان منظوري ڏئي ڇڏي

منظور ڪيل بل تحت آرمي چيف يا بااختيار آفيسر جي اجازت سان معلومات پڌري ڪندڙ شخص تي نئون قانون لاڳو نہ ٿيندو

پاڪستان ۽ فوج جي مفادن خلاف انڪشاف ڪندڙن کي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ تحت منهن ڏنو ويندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سرڪاري حيثيت ۾ ملڪي مفاد ۽ سلامتيءَ واري معلومات جو غير مجاز انڪشاف ڪندڙ شخص کي 5 سال سخت قيد جي سزا ملندي، فوجي اهلڪار رٽائر ٿيڻ کانپوءِ 2 سالن تائين سياسي سرگرمين نہ ڪري سگهندو، حساس ڊيوٽي تان رٽائر ٿيندڙ شخص 5 سالن تائين سياست ۾ حصو نہ وٺي سگهندو، فوج خلاف نفرت پکيڙيندڙ شخص کي 2 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آءِ جي سنڌ مڪمل خودمختيار آهي، چونڊون آخري آدمشماري جي بنياد تي ٿي ٿينديون: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي ٿر ۾ ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جو بي مثال منصوبو مڪمل ڪيو آهي. ٿر ۾ ايئرپورٽ ٺاهيا

عورتن کي بااختيار بڻائڻ واري پاليسي تحت اهڙن سمورن گورننگ باڊيز ۾ عورتن کي نمائندگي ڏني ويندي

سنڌ ۾ صنعتن جي قيام لاءِ مسلسل ڪم ڪيو پيو وڃي، ان لاءِ سنڌ حڪومت صنعتي زون ٺاهي رهي آهي تہ جيئن صنعتي ماحول ميسر ڪري سگهجي

پيپلز پارٽي پنهنجي دور حڪومت ۾ مثالي ڪم ڪيا آهن. ڪراچي ۾ پيپلز بس سروس جا نوان روٽ سومر يا اڱاري کان شروع ڪيا ويندا

عمران خان جي پارٽي بي گهر ماڻهن لاءِ گهر ٺاهڻ جو فنڊ پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ۽ ماڻهن کي گهر نہ ڏنا: سنڌ ڪابينا جي اجلاس بعد ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينہ 80 واري ڏهاڪي کان 2013 تائين مختلف سرڪاري ادارن کي ڏنل قرض معاف ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، مختلف ادارن کي 7 ارب 2 ڪروڙ روپين جا قرض ڏنا ويا هئا، هوڏانهن سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ ڪابينا جي اجلاس کانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ڪارونجهر جبل اسان جو تاريخي اثاثو آهي، سنڌ حڪومت ڪارونجهر جي تاريخي حيثيت کي ڪنهن بہ صورت ۾ متاثر ٿيڻ نہ ڏيندي. هن چيو تہ سنڌ حڪومت اربين روپين جي لاڳت سان ڪيترائي ترقياتي منصوبا ٺاهيا آهن تہ جيئن ڪارونجهر جي پرڀاسي جي ڳوٺن ۽ زمينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران آءِ جي سنڌ کي بااختيار بڻائڻ جو حڪم

آءِ جي سنڌ بااختيار ناهي، وڏو وزير ۽ صوبائي ڪابينا سندس اختيارن ۾ مداخلت ڪن ٿا: سول سوسائٽي جي درخواست

پوليس جي ڪم ۾ وڏو وزير ۽ ٻيا وزير مداخلت فوري طور ختم ڪن: عدالتي حڪم

آءِ جي سنڌ کي ٽن سالن جو مدو پورو ڪرڻ کان اڳ نہ هٽايو وڃي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ جي اختيارن جي حوالي سان تاريخي حڪم جاري ڪيو آهي. عدالت آءِ جي کي بااختيار بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سول سوسائٽي درخواست داخل ڪرائيندي موقف اختيار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ (فائيل فوٽو)

سيما بابت ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ ناهي ڏني وئي: پرڏيهي ترجمان

اڃا تائين اسان سيما جي قوميت جي تصديق ناهيون ڪري سگهيا

پاڪستان آيل عورت انجو قانوني ويزا تي آئي آهي

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي تہ پاڪستان کان ڀارت ويل عورت سيما حيدر تي پاڪستان کي اڃا تائين قونصلر تائين پهچ ناهي ڏني وئي، اسلام آباد ۾ هفتيوار بريفنگ ڏيندي ممتاز زهرا بلوچ ممتاز زهرا بلوچ جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪاڇي جي جبلن تي برسات ۽ نئين وهي اچڻ بعد منڇر ڍنڍ جي پاڻي ۾ واڌ

منڇر ڍنڍ ۾ چاڙهہ بعد پاڻي سطح 112 آر ايل تائين پهچي وئي آهي، ڇهن ڏينهن دوران منڇر ڍنڍ ۾ پنج فوٽ پاڻي وڌيو

منڇر ڍنڍ ۾ هاڻي 30 فوٽ پاڻي جي گنجائش موجود آهي، بندن جي مضبوطي وارو ڪم جاري آهي: آبپاشي کاتو

2022 ع جي ٻوڏ دوران تباهہ ٿيل منڇر جي بندن جي ٻيهر بحالي وارو ڪم جاري آهي

ڀان سيد آباد (رپورٽر) ڪاڇي جي جبلن تي برسات ۽ نئين وهي اچڻ بعد منڇر ڍنڍ جي پاڻي ۾ واڌ آئي آهي. ڪاڇي جي جابلو پٽي تي برسات ۽ نئين وهي اچڻ بعد منڇر ڍنڍ جي پاڻي ۾ واڌ آئي آهي. آبپاشي کاتي موجب منڇر ڍنڍ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو جي سرڪٽ بينچ ۾ ميهڙ واقعي ڪيس جي ٻڌڻي، ام رباب پيش

سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو جي سرڪٽ بينچ ۾ ميهڙ واقعي ڪيس جي جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عدالت سڪندر چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

جوابدار نٿا چاهين تہ ڪيس هلي، اسان پٺڻ وارا ناهيون: ام رباب جي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو جي سرڪٽ بينچ ۾ ميهڙ واقعي ڪيس جي جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت سڪندر چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاڙڪاڻو: ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ايم پي او تحت
گرفتار ايم ڪيو ايم لنڊن جي ڪارڪنن
کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم پي او جي تحت گرفتار ايم ڪيو ايم لنڊن جي ڪارڪنن کي ڪلاڪن ۾ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آئي جي سنڌ ۽ هوم سيڪريٽري پاران بہ جواب جمع ڪرايو ويو ايڊيشنل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڪرم ابڙو ۽ پٽ شهريار جي جيڪب آباد ۾ تدفين، سوڳ ۾ ڪاروبار بند

هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار جي جيڪب آباد جي ٽائون هال ۾ جنازي نماز بعد تدفين ڪئي وئي

ٽائون هال ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهہ ٻچل واهہ جي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

ڪراچي / جيڪب آباد (نمائندن وٽان) ڪراچي ۾ هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار جي جيڪب آباد جي ٽائون هال ۾ جنازي نماز بعد تدفين ڪئي وئي، جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين طرفان وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ هاءِ ڪورٽ حليم عادل شيخ کي گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

حليم عادل شيخ جي امڪاني گرفتاري ۽ ٻڌجهين انڪوائرين خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جي ٻڌڻي ٿي

حليم عادل شيخ خلاف ڪراچي ۾ 12 انڪوائريون هلي رهيون آهن: سرڪاري وڪيل

عدالت جي اجازت کان سواءِ حليم عادل شيخ کي گرفتار نہ ڪيو وڃي: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو حڪم

پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ پوليس کي تحريڪ انصاف اڳواڻ ۽ اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ حليم عادل شيخ کي ڪنهن بہ گمنام ايف آءِ آر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سعودي هوائي فوج جو تربيتي جهاز ڪري تباهہ

جنگي جهاز اربع جي شام ٽريننگ مشن دوران ڪري تباهہ ٿي ويو

سرڪاري ترجمان بہ حادثي ۾ جهاز جي عملي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) رائل سعودي ايئر فورس جو جنگي جهاز اربع جي شام ٽريننگ مشن دوران ڪري تباهہ ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ عملو مارجي ويو سعودي بچاءُ واري وزارت جي سرڪاري ترجمان برگيڊيئر جنرل ترڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

وفاقي سرڪار بجلي جي قيمت ۾ ساڍا 7 روپيہ في يونٽ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اليڪٽرڪ سميت سمورين بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي صارفين تي لاڳو ھوندو

نيپرا جي اجازت کان پوءِ وفاقي حڪومت بجلي جي قيمت ۾ 3 روپين کان ساڍا 7 روپيہ في يونٽ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي سرڪار بجلي جي قيمت ۾ ساڍا 7 روپيہ في يونٽ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي جيڪو ڪي اليڪٽرڪ سميت سمورين بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي صارفين تي لاڳو هوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

دوست ملڪن بنا ڪنهن شرط جي مشڪل وقت ۾ اسان جي مدد ڪئي: وزيراعظم

مشڪل ۾ ساٿ ڏيڻ وارن جي حفاظت اسان جو فرض آهي، دشمن ملڪ بلوچستان ۾ ترقي ۽ سياسي استحڪام نٿا چاهين

چين ٽوٽل 2.4 ارب ڊالر جو قرض رول اوور ڪيو. سعودي عرب، چين، متحده عرب امارات اسان جي مدد ڪئي

هڪ لک ليپ ٽاپ گڏيل بجيٽ جي حوالي سان ورهايا ويا. هڪ لک ليپ ٽاپ ايندڙ بجيٽ ۾ ورهايا ويندا

گوادر (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ دوست ملڪن بنا ڪنهن شرط جي مشڪل وقت ۾ اسان جي مدد ڪئي. دوست ملڪ اسان جا خير خواهہ آهن، سرمائيڪاري انهن کان ئي ايندي، گوادر ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب سان خطاب ۾ وزيراعظم چيو تہ مشڪل ۾ ساٿ ڏيڻ وارن جي حفاظت اسان جو فرض آهي، دشمن ملڪ بلوچستان ۾ ترقي ۽ سياسي استحڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

گوادر: وزيراعظم شهباز شريف ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب سان خطاب ڪري رهيو آهي

حڪومت چونڊ سڌارن بابت بل منظوري لاءِ صدر ڏانهن اماڻي ڇڏيو

صدر جي منظوري بعد بل قانون جي صورت ۾ فوري طور لاڳو ٿي ويندو

گڏيل اجلاس مان منظور ٿيل شڪل ۾ مسودو تي فوري طور صحيح ڪئي وڃي: ذريعا

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ايڪٽ ترميمي بل 2023 ع گڏيل اجلاس مان منظوري بعد حڪومت صدر عارف علوي کي صحيح لاءِ اماڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آصف زرداري ۽ نواز شريف جي دبئي ۾ ٻيهر ملاقات، نگران وزيراعظم تي اتفاق نہ ٿي سگهيو

ملاقات ۾ ملڪ ۾ معاشي ايمرجنسي تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي: ذريعا

سياسي نظام جي پختگي ۽ استحڪام جي لاءِ ٻنهي سياسي اڳواڻن چونڊون ڪرائڻ جي حق ۾ بہ آهن

دبئي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دبئي ۾ پاڪستان جي ٻن وڏين سياسي پارٽين جي وڏن اڳواڻن ۾ ٻيهر مشاورت جاري آهي پر اڃان تائين نگران وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

BETWEEN
Pakistan State Oil
PPL
JULY 2023
OGDCL HOUS ABAD
اسلام آباد: مملڪتي وزير مصدق ملڪ ۽ پيٽروليم وارو سيڪريٽري تقريب دوران ڳالهائيندي

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي ڪارروائي، بي ايل اي جا 2 گهربل جوابدار گرفتار

سنڌ پوليس جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ جي اهلڪارن سرچ آپريشن دوران رئيس ڳوٺ مان 2 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن وٽان 2 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدار جو تعلق بي ايل اي سان آهي: ترجمان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ پوليس جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ جي اهلڪارن سرچ آپريشن دوران رئيس ڳوٺ مان 2 شڪي ماڻهن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي، 8 محرم جي جلوس جي سيڪيورٽي، روڊ بند

جلوس جي گذرگاهن ڏانهن ويندڙ روڊن ۽ رستن کي ڪنٽينر لڳائي بند ڪيو ويو

جلوس جي رستن تي موجود دڪانن کي بہ باضابطا طور سيل ڪيو ويو

ماتمي جلوس جي گذرگاهہ تي ڪنٽينر رکيو ويو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ 8 محرم الحرام جي جلوس جي سيڪيورٽي انتظامن کي نظر ۾ رکندي جلوس جي گذرگاهن ڏانهن ويندڙ روڊن ۽ رستن کي ڪنٽينر لڳائي بند ڪيو ويو آهي. جلوس جي رستن تي موجود دڪانن کي بہ باضابطا طور سيل ڪيو ويو آهي. بم ڊسپوزل اسڪواڊ جلوس جي گذرگاهن جي تلاشي ورتي ويندي جڏهن تہ جلوس دوران ٽريفڪ لاءِ متبادل رستا فراهم ڪيا ويندا، 8 محرم الحرام جي جلوس جي نڪرڻ کان اڳ جلوس جي گذرگاهن کي مڪمل طور بند ڪيو ويندو...

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جي لي مارڪيٽ ۾ ڪارروائي

ملاوٽ کان پاڪ کير جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي: ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين

ڪاٺ پيهڻ جي شين جي تياري ۽ وڪرو کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم لي مارڪيٽ ۾ ڪارروائي ڪئي، ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪولمبو ٽيسٽ: پاڪستان سريلنڪا کي هڪ اننگز ۽ 222 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي

قومي ٽيم 5 وڪيٽن جي نقصان تي 563 رنسن کان اننگز جي شروعات ڪئي

قومي ٽيم جي ڪپتان اننگز 576 رنسن تي ڊڪليئر ڪري ڇڏي

ڪولمبو (م ر د) پاڪستان ٻئي ٽيسٽ ميچ ۾ سريلنڪا کي هڪ اننگز ۽ 222 رنسن تان شڪست ڏئي سيريز 0-2 سان پنهنجي نالي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بلوچستان: دريائن ۾ ٻوڏ، وڌيڪ برسات جا امڪان

ڪوئيٽا ۾ جزوي ڪڪر ڇانيل ۽ گرمي پد 21 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

اتر اوڀر ۽ ڏاکڻي بلوچستان ۾ ڪٿي هلڪي هلڪي برسات جو سلسلو اڃا بہ جاري

ڪوئيٽا (ويب ڊيسڪ) بلوچستان صوبي جي مختلف شهرن ۾ تيز برسات سبب دريائن ۾ ٻوڏ اچڻ سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

رضا رباني پاران آرمي ايڪٽ ۾ ترميمن جي منظوري ”اڻڏي قانونسازي“ قرار

آئون هن اڻڏي قانونسازي کي تسليم نٿو ڪريان. ايوان مان واڪ آئوٽ ٿو ڪريان: رضا رباني

آرمي ايڪٽ واري ترميمي بل ۾ تجويز ڪيل اسان جي ترميمن کي نظرانداز ڪيو ويو، اوچتي ۽ اڻڏي قانونسازي بابت اسان کي اعتماد ۾ نہ ورتو ويو

اسان کي اها خبر ئي نہ آهي تہ منظور ڪرايل بلن ۾ ڇا موجود آهي، اهڙي تڪراري قانونسازي خلاف احتجاج طور ٽوڪن واڪ آئوٽ ڪيان ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومت آرمي ايڪٽ بابت ترميمي بل سينيٽ ۾ پيش ڪيو، رضا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران ميمبر وڏي انگ ۾ ويٺل نظر اچي رهيا آهن

موسميات کاتي ملڪ جي
مختلف شهرن ۾ وڌيڪ برساتن
جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ سرڪار پاران لائيو اسٽاڪ کاتو من پسند آفيسرز حوالي، سيڪريٽري ۽ وٽرنري ڊاڪٽرز ۾ اختلاف شروع

سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ حفيظ سيال ۽ سندس پرائيوٽ سيڪريٽري آدم نبي ڪوسو تي وٽرنري ڊاڪٽرز پاران رشوت سميت ٻيا سنگين الزام هنيا ويا

وٽرنري لائيو اسٽاڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪانفرنس ڪندڙ 4 ڊاڪٽر گهرپيڙا. هڪ ڊاڪٽر کي سزا طور ٽرانسفر ڪيو ويو

وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي صدر ڊاڪٽر عبدالقدوس ميمڻ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرپورخاص حاڪم جلباڻي کي هٽائي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سرڪار پاران لائيو اسٽاڪ کاتو من پسند آفيسرز حوالي، سيڪريٽري ۽ وٽرنري ڊاڪٽرز ۾ اختلاف شروع، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ حفيظ سيال ۽ سندس پرائيوٽ سيڪريٽري آدم نبي ڪوسو تي وٽرنري ڊاڪٽرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پرڏيهي وزير جو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان رابطو، قرآن پاڪ جي توهين وارن واقعن تي ڳالهيون

بلاول ڀٽو زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

بلاول ڀٽو زرداري اسلاموفوبيا خلاف گڏيل قومن جي اجتماعي ڪارروائي جي ضرورت تي زور ڏنو: پرڏيهي وزارت ترجمان

پرڏيهي زير ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري وچ ۾ ٻوڏ کان پوءِ بحالي جي صورتحال تي بہ ڳالهيون ڪيون ويون

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس (فائيل فوٽو)

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو جنهن ۾ قرآن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

انٽر بئنڪ ۾
آمريڪي ڊالر 64
پئسا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آمريڪي ڊالر جيڪو ڪالهہ انٽر بئنڪ ۾ سستو ٿيو اڄ ٻيهر مهانگو ٿي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آءِ پاران چونڊ سڌارن واري ترميمي بل جي مخالفت

اسان جون بل ۾ ٽي ترميمون شامل هيون، بہ ترميمون رڳو پي ٽي آءِ جي لاءِ شامل ڪيون ويون: علي ظفر

بہ ترميمون رڳو پي ٽي آءِ جي لاءِ شامل ڪيون ويون. نگران حڪومت چونڊيل حڪومت جي جاءِ نہ ٿي وٺي سگهي

نگران حڪومت کي چونڊيل حڪومت جا اختيار ڏنا ويا تہ سپريم ڪورٽ 10 ڏينهن ۾ بل کي اڏائي ڇڏيندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خطاب ڪندي پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر چيو تہ اسان جون بل ۾ ٽي ترميمون شامل هيون، بہ ترميمون رڳو پي ٽي آءِ جي لاءِ شامل ڪيون ويون. پي ٽي آءِ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جنهن کي بہ نگران وزيراعظم ڪٽي اچو، قوم وقت اچڻ تي صحيح فيصلو ڪندي: شيخ رشيد

اسحاق ڊار کي آڻيو يا پنهنجي ڪنهن ٻئي دوست کي، قوم سڀ ڪجهہ سمجهي ٿي ۽ وقت اچڻ تي صحيح فيصلو ڪندي

15 ڏينهن رهجي ويا آهن، بيشڪ ليپ ٽاپ جي سيل لڳايو يا پنهنجي مرضي موجب نگران وزيراعظم جي اختيارن جي ترميم ڪرائي وٺو

اٽو ۽ کنڊ جي مهانگائي جو ڦندو ئي غريب عوام لاءِ ڪافي هو، هاڻ بجلي جي مهانگائي جو وڌيڪ ڦندو بہ ماڻهن جي ڳچي ۾ وڌو ويو آهي

راولپنڊي (م ر د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي تہ اسحاق ڊار کي آڻيو يا پنهنجي ڪنهن ٻئي دوست کي، قوم سڀ ڪجهہ سمجهي ٿي ۽ وقت اچڻ تي صحيح فيصلو ڪندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نائب وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اي سي اين اي سي جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ميئر ڪراچي پاران شهر ۾ ٿيندڙ
برساتن کان پوءِ رات دير سان سينٽرل
ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ اسان کي عوام جي مسئلن جو احساس آهي ڪوشش آهي تہ برساتن ۾ ڪٿي بہ پاڻي نہ بيهي هيٺين علائقن ۾ وسندڙ برسات دوران پاڻي بيهجي وڃي ٿو جنهن کي صاف ڪيو وڃي ٿو جن ماڻهن برسات پاڻي جون تصويرون سوشل ميڊيا تي هلايون آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

شهباز گل ڄاڻي واڻي گرفتاري کان پڇي رهيو آهي: اشتهاري قرار ڏيڻ جو تفصيلي فيصلو جاري

ايڊيشنل سيشن جج طاهر عباس سپرا 2 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي عدالت ۾ پيشي کان سواءِ ختم نٿي ڪري سگهجي: عدالتي فيصلو

شهباز گل مخصوص وقت جي لاءِ پرڏيهہ وڃڻ جي هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي پيڪڙي ڪئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد فوج خلاف بغاوت تي ماڻهن کي ڀڙڪائڻ جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل کي اشتهاري قرار ڏيڻ جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. ايڊيشنل سيشن جج طاهر عباس سپرا 2 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ شهباز گل اڳ جيان ٻيهر عدالت مان غير حاضر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي پوليس اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار جو قتل ٽارگيٽ ڪلنگ قرار ڏئي ڇڏيو

مقتول جي گاڏي ۾ بہ لائسنس وارو پستول هو پر گاڏي مان ڪا بہ فائرنگ نہ ڪئي وئي: جاويد عالم اوڍو

جوابدارن ڇئين پاسن کان گاڏي جو گهيرو ڪري فائرنگ ڪئي، واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ جو نتيجو لڳي رهيو آهي

جوابدارن فائرنگ کان اڳ منصوبہ بندي ڪئي هئي جوابدارن جي روٽ ۽ پلان جي منصوبہ بندي بابت ڄاڻ ملي آهي: ايس ايس پي سائوٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس قتل ٿيل اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار ابڙو جو قتل ڪيس ٽارگيٽ ڪلنگ جو نتيجو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. گذريل ڏينهن ڊفينس فيز 7 ۾ هٿيار بندن اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ کي قتل ڪيو هو اڪرم ابڙو پٽ ۽ ڀين سان گڏجي جيڪب آباد وڃي رهيو هو تہ سندس گاڏي تي فائرنگ ڪئي وئي جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي جي فرنٽ سيٽ تي ويٺل اڪرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

Malnutrition
Secretariat
اسلام آباد: پلاننگ وارو وفاقي وزير احسن اقبال پاڪستان نيوٽريشن انسٽيٽيوٽ متعلق ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج
100 انڊيڪس اڄ 47 هزار
پوائنٽس کان وڌي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 47 هزار پوائنٽس کان وڌي ويو آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ مثبت ڪاروباري رجحان آهي. 100 انڊيڪس 433 پوائنٽن جي واڌ سان 47 هزار 115 جي سطح تي آهي. 20 مهينن کانپوءِ 100 انڊيڪس 47 هزار پوائنٽس تي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گمبٽ ميونسپل انتظاميه شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪري ڇڏيو، شهرين ۾ سرهائي

محرم الحرام جي سلسلي ۾ ماتمي جلوسن جي روٽن جي هنگامي بنيادن تي صفائي سترائي ڪرائي

شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ گذريل رات کان ئي ڪم شروع ڪيو ويو هيو: عبداللطيف شيخ

ڪچرو ڪٺائي صاف ڪرايو. ڪچن ملازمن مان هر سال ٻن ملازمن کي ميونسپل طرفان عمرو ڪرايو ويندو

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ): گمبٽ ميونسپل انتظاميه شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪري ڇڏيو، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي عملو ساڻ ڪري محرالحرام جي سلسلي ۾ ماتمي جلوسن جي روٽن جي هنگامي بنيادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گمبٽ: ميونسپل انتظاميا جا عملدار شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪري رهيا آهن

گهوڙا باري ۾ شهنشاهِ وفا حضرت غازي عباس علمدار جو ماتمي جلوس برآمد

گهوڙاباڙي (رپورٽر) هر سال ونگر هن سال به مرڪزي امام بارگاهه سخي ڏاتار پير پنو مان شهنشاهِ وفا حضرت غازي عباس علمدار جو ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو. جيڪو مختلف رستن کان ٿيندي قديمي علم پاڪ پڙ محب علي شاهه وٽ پهتو. جتي اچ مولانا غلام علي حسيني مجلسِ عزا کي خطاب ڪندي چيو ته باب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

فرمان علي حيدري جي اڳواڻي ۾ مرڪزي امام بارگاهه گل شاهه بخاري تي مجلس عزا منعقد ٿي

ڪربلا جي شهيدن جي ڏنل عظيم قرباني تي ڪين زبردست نموني ڀيٽا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري

پڙن جي موقعي تي شهر جا داخلي رستا بند ڪيا ويا. جلوس وارن رستن تي سبيل ۽ نياز جا اسٽال پڻ لڳايا ويا

ڪنڏڙو (رپورٽر ثناءالله ٿاليس) ڪنڏڙو شهر ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ 8 محرم الحرام غازي عباس علمدار ماتم جي سلسلي ۾ انجمن حيدري ياران سرپرست اعليٰ فرمان علي حيدري جي اڳواڻي ۾ مرڪزي امام بارگاهه گل شاهه بخاري تي مجلس عزا ۽ نوحه خواني بعد شهزاده قاسم عليه سلام ۽ شهزاده علي اڪبر عليه سلام جي 65 سالن جو تاريخي سيجن، معصور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ ڪري قتل ڪيل ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي ڀاءُ ۽ ڀائيٽي جي نماز ادا

قتل ڪيل ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي ڀاءُ محمد اڪرم ابڙو، ڀائيٽي شهريار علي ابڙو جا مڙهه جيڪب آباد پهچايا ويا

فوتين جا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. هر اک آلي، شهري اوڇنگارون ڏئي روئندا رهيا

فوتين جو ٽڏو ابڙو هائوس تي رکيو ويو، ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد: ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ ڪري قتل ڪيل ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي ڀاءُ محمد اڪرم ابڙو، ڀائيٽي شهريار علي ابڙو جا مڙهه جيڪب آباد پهچايا ويا، فوتين جا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر اک آلي، شهري اوڇنگارون ڏيئي روئندا رهيا فوتين جي جنازا نماز ٽائون هال ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هزارين ماڻهن شريڪ ٿيا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

جيڪب آباد: اڪرم ابڙو ۽ سندس فرزند جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

دادو: ڏوهاري قسم جي ماڻهن جي اصلاح آڻڻ لاءِ بجيٽ منظور ٿيڻ جو انڪشاف

دادو (رپورٽر) باخبر ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته سنڌ ۾ جيڪي ڊسٽرڪٽ جيل قائم آهن انهن ۾ ڏوهاري قسم جي ماڻهن جي اصلاح آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران ڪروڙين روپين جون بجيٽون ڏنيون وڃن ٿيون ته جيئن جيل اندر قيدين کي زندگي جون گهربل سهولتون جن ۾ صحت ڪاڌ خوراڪ دين اسلام جي تربيت ڏيڻ ۽ ان سان گڏ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي نادرن باءِ پاس ويجهو پوليس چوڪي آڏو سرڪاري زمين تي قبضا ٿيڻ لڳا

گلشن معمار ويسٽ زون ڪراچي آڏو سرڪاري زمين جا پلاٽ وڪرو ڪيا پيا وڃن: ذريا ع

لينڊ مافيا جي گل زمان ۽ شير آغا پاران افغانين کي ڪارنر پلاٽ الاٽ ڪيا ويا. اڏاوتي ڪم شروع

پوليس چيڪ پوسٽ سرڪاري فرنٽ زمين يعني پلاٽ جو روڊ وارو حصو ڪارنر پلاٽ افغانين کي ڏنو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نادرن باءِ پاس ويجهو پوليس چوڪي آڏو سرڪاري زمين تي قبضو ڪري پلاٽ به افغانين کي وڪرو ٿيڻ لڳا آهن آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي. ذريعن موجب ايس ايچ او گلشن معمار بشير احمد وڏو سب انسپيڪٽر صدر الدين ۽ سندس ٽيم جي ملي ڀڳت سان افغان ڪيمپ چونڪي(گلشن معمار ويسٽ زون ڪراچي) آڏو سرڪاري زمين جا پلاٽ وڪرو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين پاران وارڊ نمبر 07 شاهه لطيف ڪالوني جو دورو

چيئرمين پير زين العابدين شاهه جيلاني شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري ملاقاتون ڪيون

ملاقاتن دوران شهرين زين العابدين شاهه کي صفائي سترائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جون شڪايتون ڪيون

جائز مسئلا 10 محرم الحرام ڪانپوءِ اوليت جي بنيادن تي سنڌس نگراني ۾ حل ڪيا ويندا: العابدين شاهه جيلاني

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين پير زين العابدين شاهه جيلاني مڪلي جي مختلف علائقن جو دورو ڪرڻ بعد مڪلي جي وارڊ نمبر 07 شاهه لطيف ڪالوني مڪلي پهتو، جتي شهرين ڪيس صفائي سترائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: ٽائون ڪاميٽي مڪلي جو چيئرمين شهر جو دورو ڪري رهيو آهي

بوزدارو ڏا پرسان ڳوٺ ۾ همراهه بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ٽالپرو ڏا (رپورٽر) بوزدارو ڏا پرسان ڳوٺ شر ۾ بوزدارو ڏا ٿاڻي جي اهلڪار غلام باقر شر جو ڀاءُ علي گلاب شر بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ان جي اوچتي فوتگي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مرحوم علي گلاب شر جي جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنازي نماز جي ادائگي بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو

سنڌ ۾ خواجه سرائن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ قائم ڪيل 5 برانچز سروس معطل

يو اين ڊي پي خواجه سرائن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ قائم ڪيل 5 برانچز کي سروس معطل ڪري ڇڏي

جيئا فائونڊيشن 2018 ع کان خواجه سرائن جي صحت لاءِ پتوڙي رهي آهي : مريم شيخ، فيلڊ سپروائيزر ثناءَ خان

رڳو حيدرآباد ۾ هيستائين واري رجسٽريشن سان ظاهر ٿيو آهي ته 6.4 سيڪڙو خواجه سرا ايچ آءِ وي مرض ۾ مبتلا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) يو اين ڊي پي پاران سنڌ ۾ خواجه سرائن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ قائم ڪيل 5 برانچز کي سروس معطل ڪري ڇڏي آهي. ان ڏس ۾ ڪميونٽي ڪائونسلر مريم شيخ، فيلڊ سپروائيزر ثناءَ خان ۽ مونا ليزا قاسم آباد ۾ قائم برانچ آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته 6 مهينا اڳ جيئا فائونڊيشن يونائيٽيڊ نيشن ڊولپمينٽ پروگرام جي سهڪار سان ڪراچي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مورو پرسان ڳوٺ حاجي محمد سليمان ٻگهيو ۾ ساس پاران شهيدن کي ڀيٽا پيش

استاد عبدالفتاح ٻگهيو، وڪيل ڪرم الله ٻگهيو پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ڪربلا جي شهيدن حق ۽ باطل وچ ۾ واضح فرق ڪري ڇڏيو ۽ دنيا وارن کي پيغام ڏنو: عبدالفتاح ٻگهيو

ڪربلا جي ميدان ۾ يزيد جي فوج جو تعداد گهڻو هو، پر پٺئي پاسي ٻنهي جهانن جي سردار جا ٻچڙا هئا: خطاب

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ حاجي محمد سليمان ٻگهيو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپورجهانيان جي اڳوڻي سيڪريٽري، ايس يو پي اڳواڻ استاد عبدالفتاح ٻگهيو، وڪيل ڪرم الله ٻگهيو پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مجلس عزا برپا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ مومنن شرڪت ڪئي، مجلس عزا کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: ڳوٺ حاجي محمد سليمان ٻگهيو ۾ مجلس عزا کي ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

دولتپور پرسان ساس پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مجلس عزا برپا

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ حاجي محمد سليمان ٻگهيو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپورجهانيان جي اڳوڻي سيڪريٽري، ايس يو پي اڳواڻ استاد عبدالفتاح ٻگهيو، وڪيل ڪرم الله ٻگهيو پاران ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مجلس عزا برپا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ مومنن شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهوٽڪي جي علائقي پيٽا مارڪيٽ غريب آباد جي رهواسين پاران احتجاج

شيخ برادري سان تعلق رکندڙ رستم شيخ، سهراب شيخ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس پٽ سميع الله شيخ کي بيگناهه گرفتار ڪري ٽن ڏينهن تائين اڻڄاتل جاءِ تي رکيو: والد

منهنجي پٽ کي بيگناهه تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙا) گهوٽڪي جي علائقي پيٽا مارڪيٽ غريب آباد جي رهواسين شيخ برادري سان تعلق رکندڙ رستم شيخ، سهراب شيخ ۽ ٻين سيشن ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سکر جي آباد ٿاڻي جي پوليس گهوٽڪي ۾ بغير اجازت اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري منهنجي پٽ سميع الله شيخ کي بيگناهه گرفتار ڪري ٽن ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم جي تعزيتي گڏجاڻي

تنظيم جي تعزيتي گڏجاڻي سگهڙ سليمان ڪوسو جي صدارت ۾ ٿي

ممتاز عباسي، ممتاز جوڻي، الهداد سرڪي، گل مولائي، شمن شيخ شرڪت ڪئي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙا) سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم جي تعزيتي گڏجاڻي سگهڙ سليمان ڪوسو جي صدارت ۾ ٿي. جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي نائب صدر امام الدين ڪوسو جي به منزلا جڳهه ڪرڻ سبب 5 گهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊومحمدخان ۾ ڪراچي جي جوڙي پاران تحفظ جي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مسمات صنم ۽ سندس مڙس اياز علي حياتين جي تحفظ لاءِ مظاهرو ڪيو

پسند جي شادي ڪئي هئي هاڻي اسان جا عزيز جاني دشمن بڻجي ويا آهن: جوڙو

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ۾ ڪراچي جي جوڙي زال مسمات صنم ۽ سندس مڙس اياز علي حياتين جي تحفظ لاءِ پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان پهچي پريس ڪانفرنس احتجاجي ڪندي چيو آهي اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊومحمدخان: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

اشتعال انگيز پوسٽون پوسٽ ڪرڻ به قانوني جرم آهي : ڊي آءِ جي حيدرآباد

محرم الحرام جي حوالي سان سنڌ پوليس هڪ اهم پيغام جاري ڪيو آهي

ڪنهن به قسم جي مذهبي ڏڦيڙ پکيڙيندڙ امن جي ڀڃڪڙي جو سبب بڻجي سگهي ٿو

حيدرآباد (رپورٽر) ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج سيد پير محمد شاهه جي ترجمان انسپيڪٽر منور ديودجو چوڻ آهي ته محرم الحرام جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

لاڙڪاڻي ۾ خواجه سراءِ کي نوڪرين مان فارغ ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج

101 ڄڻن کي 18 تاريخ کان سروس ختم ڪري ڇڏي آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي : مظاهرين

بيمارين ڦهلجڻ کان بچاءَ لاءِ اپاءَ ورتا آهين پر تنهن باوجود اسان کي فارغ ڪري ڇڏيو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جينڊر اينٽر ايڪٽو الائينس ۾ ايچ آءِ وي سميت ٻين بيمارين جي بچاءُ لاءِ ڪم ڪندڙ خواجه سراءِ کي نوڪرين مان فارغ ڪرڻ واري عمل خلاف خواجه سرائن طرفان سچل ڪالوني ۾ آفيس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

لاڙڪاڻي ۾ تحريڪ نفاذ فقه جعفريه سنڌ جي وفد جي ڊي آءِ جي سان ملاقات

وفد ۾ ناظم الامور علامه قاضي غلام رضا، غلام قمبر ڪلهوڙو، پرويز سانگي ۽ ٻيا شامل

تحريڪ نفاذ فقه جعفريه جي اڳواڻن کي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عزاداري بابت هدايتون به جاري

لاڙڪاڻو (رپورٽر) تحريڪ نفاذ فقه جعفريه سنڌ جي وفد محرم الحرام جي حوالي سان صوبائي جنرل سيڪريٽري علي رضا پنهور جي اڳواڻيءَ ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

لاڙڪاڻو: ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سان تحريڪ نفاذ فقه جعفريه جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

جهنڊو مري پرسان نينگر پير سلپ ٿيڻ سبب شاخ ۾ ٻڏي فوت

بهادر موري وٽ 12 سالن جي نينگر ستارام پٽ تلسي ڪولهي ٻڏي ويو

نينگر جي وارثن نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

جهنڊو مري (رپورٽر) جهنڊو مري پرسان ٽنڊو آدم 2 جهنڊو مري پرسان بهادر موري وٽ ٽنڊو آدم 2 برانچ ۾ پير سلپ ٿيڻ سبب ٻڏي فوت ٿيڻ واري خبر موجب ڪالهه بهادر موري وٽ 12 سالن جي نينگر ستارام پٽ تلسي ڪولهي ٻڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پٽ شاهه ۾ ٻاهه تي تاريخي ماتم، يا حسين ع جون صدائون بلند

انجمن شيعان حيدر ڪرار خندق ڪاميٽي پاران ٻاهه تي ماتم جو اهتمام ڪيو ويو

ڀهرين سيد پرويز علي شاهه جي اڳواڻي ۾ 14 دولهن کي سائو ويس اوڍي گذاريو ويو

مٽياري (رپورٽر) پٽ شاهه ۾ ٻاهه تي تاريخي ماتم ڪري مومنن 100 من ڪاٺ جي ٽانڊن کي يا حسين يا حسين جي بلند صدائن سان ڀيرين اڱهاڙي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي هزارين عزادار شريڪ ٿيا انجمن شيعان حيدر ڪرار خندق ڪاميٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مٽياري: 8 محرم الحرام جي موقعي تي هڪ عزادار ٻاهه جي چر تان گذري رهيو آهي

دادو ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب موبائل نيٽ ورڪ بند ڪرڻ جو فيصلو

9 ۽ 10 محرم الحرام تي سيڪيورٽي خدشن سبب موبائل نيٽ ورڪ بند رهندو

9 ۽ 10 محرالحرام تي موبائل نيٽ ورڪ صبح جو 8 وڳي کان رات 12 وڳي تائين بند رهندو

دادو (رپورٽر) دادو ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب به موبائل نيٽ ورڪ بند ڪرڻ جو فيصلو تفصيل مطابق دادو ۾ 9 ۽ 10 محرم الحرام تي سيڪيورٽي خدشن سبب موبائل نيٽ ورڪ بند رهندو جڏهن ته 9 ۽ 10 محرالحرام / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڳاڙهو پرسان روڊ حادثو هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي

تيز رفتاري سبب موٽر سائيڪل ڪچي جي وڻ سان ٽڪرائجي وئي

حادثي سبب ڪمون خاصخيلي موقعي تي فوت ٿي ويو

ٺٽو (رپورٽر) ڳاڙهو/جوهو روڊ تي تيز رفتاري سبب موٽر سائيڪل ڪچي جي وڻ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪمون خاصخيلي موقعي تي فوت ٿي ويو. جڏهن ته حنيف خاصخيلي شديد زخمي ٿي پيو. فوتي جو لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پيارو لنڊ ۾ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي پاران شهر جو دورو

توهان مون کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو. اڄ آئون چيرمين ٿيو آهيان : چيئرمين

منهنجو مشن آهي ٽائون ڪاميٽي پيارولنڊ کي ماڊرن شهر بڻايون

جهنڊو مري (رپورٽر) ٽائون ڪاميٽي پيارولنڊ جو چيرمين حاجي نور محمد نظاماڻي ساڻ گڏ ٽائون ڪاميٽي پيارولنڊ جا ڪائونٽنس عمران وساڻ محرم الحرام جي حوالي سان پيارولنڊ شهر جي گهٽين مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ شهر جي مين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جهنڊو مري: ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين علائقي جو دورو ڪري رهيو آهي

دادو ۾ ٻوڏ متاثرن ۾ سنڌ حڪومت پاران گهر مالڪي جي سند ورهائڻ بابت تقريب

ڊپٽي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهه، ايم اين اي رفيق جمالي، ايم پي اي ظفر لغاري، ايم پي اي عزيز جوڻيجو ۽ فياض ٻٽ وارن تقريب ۾ شرڪت ڪئي

گهرن جي تعمير ۽ ضلعي ۾ 5 سئو کان وڌيڪ ٻوڏ متاثرن کي مالڪاڻا حقوق ڏنا ويا آهن. ضلعي ۾ 1 لک 64 هزار گهر متاثر، باقي سمورن متاثرن ۾ پڻ سند ورهائي ويندي: اڳواڻ

بلاول ڀٽو زرداري جو خواب آهي ته ٻوڏ متاثرن کي ڇتون ڏنيون وڃن. 50 هزار ميهڙ، خيرپورناٿن شاهه ۾ 50 هزار، جوهي ۾ 38 هزار ۽ دادو ۾ 18 هزار آبادگارن لاءِ گهر ٺاهيا ويندا

دادو (رپورٽر) خيرپورناٿن شاهه ۾ دادو ضلعي انتظاميا پاران دادو ضلعي جي ٻوڏ متاثرن ۾ سنڌ حڪومت پاران گهر مالڪي جي سند ورهائڻ جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه، ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: ڊي سي ۽ ٻيا ٻوڏ متاثرن ۾ گهرن جون سندون ڏئي رهيا آهن

روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي پاران سوشل ميڊيا تي غير اخلاقي وڊيوز وائرل ڪرڻ تي پٽيشن داخل

حيدرآباد (رپورٽر) روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي پاران سوشل ميڊيا تي غير اخلاقي وڊيوز وائرل ڪرڻ واري معاملي تي هٽڙي پوليس عدالتي حڪم تحت شاعر ارشاد جاگيراڻي، آرٽسٽ روبي علي ۽ ٻن اڻڄاتل ماڻهن سميت 4 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. ڪيس ۾ موتمار ڏمڪين ۽ گارگند جا قلم شامل ڪيا ويا آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ محرم الحرام جي مهيني ۾ نگر نياز جو خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي: علماءِ

الحمد اسٽيٽ ايجنسي جي آفيس ۾ شفيق عرف منا ڀائي جي طرفان نياز ۽ نگر جو اهتمام

ڊاڪٽر ارشد مغل ميونسپل ڪمشنر محمد علي شيخ، ملڪ حميد، ضياءُ شمسي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر (بيورو رپورٽ) محرم الحرام جي بابرڪت مهيني ۾ جتي ٻيون ڪوڙ سارين رسمون ادا ڪيون وينديون آهن اتي ئي نعت ۽ نگر نياز جو به خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي ان ئي سلسلي ۾ اڄ الحمد اسٽيٽ ايجنسي جي آفيس ۾ شفيق عرف منا ڀائي جي طرفان نياز ۽ نگر جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل ميونسپل ڪمشنر محمد علي شيخ، ملڪ حميد. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ميروخان ۾ زرعي زمين تي مبينا قبضي ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

32 جريب زرعي زمين تي بااثرن طرفان مبينا قبضي ڪرڻ ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو

زمين تي امداد ڪوڪر ۽ سندس جي پاٽيجن قبضو ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي جاويد کي گرفتار ڪرايو آهي : محمد يونس ڪوڪر

مختيارڪار ۽ بااثرن جي وانگار وهندي ڪاغذن تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انصاف ڪيو وڃي ۽ بااثرن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

ميروخان (رپورٽر) ميروخان زرعي زمين تي مبينا قبضي ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڳوٺ شهير ڏڙا جي رهواسي عورتن جو قرآن پاڪ کڻي بااثرن خلاف احتجاج، 32 جريب زرعي زمين تي مبينا قبضو ڪندڙ ميروخان ٽائون ڪاميٽي جي اڳوڻي ٽائون آفيسر امداد ڪوڪر ۽ سندس جي پاٽيجن خلاف ٺهڻ اس دوران عوامي پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي، ڳوٺ اڳيان اسان جي والد جي 32 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ميروخان: ڳوٺ شهير ڏڙا واسي زمين تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بلڙي شاهه ڪريم پرسان مبين حيدري جي پڙ تان شهزادا علي اصغر جو جهولو برآمد

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ستت محرم الحرام جي موقعي تي بلڙي شاهه ڪريم لڳ ڳوٺ رحيم بخش رند مان مبين حيدري جي پڙ تان شهزادا علي اصغر جو جهولو برآمد ٿيو جڏهن ته جهولو ماتمي جلوس سان گڏ مرڪزي امام بارگاهه شهيدان ڪربلا قلو ملنگ جي پڙ تان ٿيندي شهر طرف روان دوان جتي شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سرحد ۾ مسلسل چار ڏينهن کان هلندڙ طوفاني برسات بعد پاڻي نيڪال ڪرايو ويو

يوسي چيئرمين نور حسن ملڪ يوسي سيڪريٽري دلبر مهر ۽ سوپر، عملو ساڻ ڪري نڪري پيو

برساتي پاڻي نالين ذريعي لنڊي واهه ۾ ڪيو ويو شهرين پاران صفائي سترائي ڏسي خوش ٿي ويا

اسان جي ذميواري آهي شهرين سان هر ڏک سک ۾ ٻيڻا هجون ۽ عوام جي خدمت جاري رکون: دلبر مهر

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد ۾ مسلسل چار ڏينهن کان هلندڙ طوفاني بارش شهر ۾ به ڦٽ پاڻي بيهاري ڇڏيو. يوسي چيئرمين نور حسن ملڪ يوسي سيڪريٽري دلبر مهر ۽ سوپر، عملو ساڻ ڪري پوري يوسي ۾ بيلدل برساتي پاڻي راتو رات جنريٽر ذريعي ڪيرائي ڇڏيو برساتي پاڻي نالين ذريعي لنڊي واهه ۾ ڪيو ويو شهرين پاران صفائي سترائي ڏسي خوش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نئون ديرو شهر ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين ع جي عظيم قرباني تي ڀيٽا پيش

يا حسين ع يا حسين ع جون صدائون بلند شهر جي امام بارگاهن ۾ مجلس عزا برپا ڪئي وئي

مولوي وزير علي مهدوي، پير ميان چٽن شاهه تي مولوي حسنين رضا سولنگي عقيدت پيش ڪئي

امام بارگاهن سميت رستن تي قائم ڪئمپ تي هر روز تقسيم ڪيو ويندو آهي: علماءِ اڪرام جون ڳالهيون

نئون ديرو (رپورٽ شاد پٺو) نئون ديرو شهر ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين ع ۽ ان جي ساٿين جي ڏنل قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هر طرف يا حسين ع يا حسين ع جون صدائون بلند شهر جي امام بارگاهن ۾ هر روز عزاداري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نئون ديرو: مجلس عزا کي ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ميٽرڪ ۽ ايف اي جا داخلائون خزان سيمسٽر شروع

ڪنڊيارو (رپورٽر) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل سينٽر مورو جي جاري ڪيل پڌرائي موجب يونيورسٽي ۾ ميٽرڪ ۽ ايف اي جا داخلائون خزان سيمسٽر 2023 ع ۾ شروع ٿي ويون آهن جيڪي 5 سيپٽمبر 2023 تائين جاري رهنديون. ميٽرڪ جي داخلا لاءِ اليٽ جي سرٽيفڪيٽ جي ڪا ضرورت ناهي شناختي ڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ تيز هوا سان گڏ زوردار برسات سبب هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ

برسات جي نتيجي ۾ شهر جي روڊن رستن سميت گهرن ۾ ٻن کان ٽي فوٽ پاڻي بيهجي ويو آهي

ملٽري روڊ، ڊڪ روڊ، شاهي بازار، پراڻي سکر ۽ ٻين علائقن ۾ روڊن ۽ رستن سميت گهر متاثر ٿيا

مسلسل پيل برسات ۾ سرڪاري مشينري ۽ ميونسپل ڪارپوريشن عملدار غائب ٿي ويا آهن: رهواسي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙا) سکر ۽ پرپاسي واري علائقن ۾ تيز هوا سان گڏ زوردار برسات پئي، جنهن جي نتيجي ۾ شهر جي روڊن رستن سميت گهرن ۾ ٻن کان ٽي فوٽ پاڻي بيهجي ويو. ڪچي جي فصل سميت زراعت کي به ڪاپاريءَ ڌڪ رسيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ به ساوڻي جي مينهن پوڻ جو سلسلو جاري آهي. گذريل ڏينهن سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ايس ايس سجاول محرم جي حوالي سان انتظام سخت ڪرڻ جون هدايتون ڏئي ڇڏيون

امداد شاهه ضلع ۾ ماتمي جلوسن ۽ مجسلن جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪرڻ هدايت ڏني

چوهڙ جمالي، جاتي، بٺورو، دڙو سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

ليڊيز امام بارگاهن تي به عزادار عورتن جي لاءِ ليڊ پوليس کي مقرر ڪيو ويو آهي : ميڊيا سان ڳالهيون

سجاول (رپورٽ ممتاز علي ٺهڙيو) ايس ايس پي سجاول امداد شاهه محرم الحرام جي حوالي سان امن امان جي صورت حال کي برقرار رکڻ لاءِ سموري ضلع ۾ ماتمي جلوسن ۽ مجسلن جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪرڻ هدايت، ايس ايس سجاول امداد شاهه چيو آهي ته محرم الحرام جي حوالي سان ضلع اندر چوهڙ جمالي، جاتي، بلورو، دڙو سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سجاول: محرم الحرام جي حوالي سان پوليس اهلڪار الرٽ بيٺل آهن

مٽياري ۾ 8 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس برآمد، انتظام سخت

مٽياري (رپورٽر) 8 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس استاد خير محمد ڪنڊيراڻي جي امام بارگاهه کان برآمد ڪيو ويو، پوليس طرفان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن. 8 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان ٿيندو هاشمي امام بارگاهه کان جهولا پاڪ ۽ ذوالجناحون برآمد، ماتمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شهداد ڪوٽ جي رهواسي پاران زمين تي غير قانوني قبضن خلاف سکر ۾ احتجاج

وحيد بخش عرف شمانو، غلام محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين زمين تي قبضو ڪيو آهي: الله ڏنو

بااثرن ملي ڀڳت ڪري منهنجي زمين تي جعلي زمين جا دستاويز ٺاهي قبضو ڪري ورتو آهي

مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ هن ڪيس ۾ ملوث ماڻهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙا) قمبر شهداد ڪوٽ جي رهواسي الله ڏنو جوڻيجو زمين تي غير قانوني قبضن خلاف سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته وحيد بخش عرف شمانو، غلام محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين منهنجي زمين تي ناجائز قبضو ڪري منهنجي ۽ منهنجي ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن. اسان جي 6 ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين جيل موڪليو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 28 جولاءِ 2023ع

خواجا آصف جي ’خيرخواهيءَ‘ واري صلاح!

حڪمرانيءَ جي آخري ايامن ۾ غريبن کي تعميرتيل گهر ملڻ جي نويد ڏني وئي آهي ۽ ڌاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل مغوي آهستي آهستي آزاد ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. اڃا به 26 يرغمالي رڳو ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ ضلعي جا ڌاڙيلن جي گرفت ۾ آهن. باقي ٻيا ضلعا اڃا الڳ آهن. پر لڳي ائين ٿو ته اقتدار جي باقي ڏهاڪو کن ڏينهن ۾ ڌاڙيلن جي جهوليءَ ۾ باقي وڃي ڪي داڻا بچندا. منتظمين کي اهو يقين هوندو ته ڪمزور يادداشت ۽ حافظي واري هن قوم کي صرف آخري ڳالهه ياد رهندي آهي. اقتداري آخري ايامن جي مهربان موسم جي آخري ڳالهه! باقي اقتدار جي سموري عرصي ۾ عوام خير جي خبر لاءِ سِڪندو رهيو. رياست عوام جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. هاڻي ته حڪمران پاڻ به عوام کي اها صلاح پيا ڏين ته. اهي (رياست تي ڀاڙڻ بدران) پنهنجو تحفظ پاڻ ڪن اهڙي لب ڪشائي دفاع واري وفاقي وزير خواجا آصف پڻ ڪئي آهي، جنهن چيو آهي ته. ڪچي جا ڌاڙيل ايڊوانس ٿي ويا آهن. ازالي لاءِ علائقي واسين کي هٿياربند ڪرڻو پوندو. ٻيريل ثاني وزير باتدبير فرمائي ٿو ته. ڪچي جي علائقي ۾ ته هر پار وٽ هٿيار هجڻ گهرجي. ٻئي طرف سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس دوران 25 سالن کان گهٽ عمر وارن کي به هٿيارن جو لائسنس جاري ڪرڻ ۽ صوبي ۾ هٿيارن جا ڪارخانا قائم ڪرڻ وارو سنڌ آرمز ترميمي بل، يڪراءِ منظور ڪيو ويو آهي. توڙي جو موجوده حڪمرانن جي ’رخصتيءَ‘ ۾ ڏهاڪو کن ڏينهن اڃا باقي آهن ۽ نظر ائين ٿو اچي ته اهي بک، بدحالي، بدامني، اغوا انڊسٽري ۽ رڪارڊ بدانتظامي نگرانن کي ورثي ۾ ڏئي. نگرانيءَ وارو دور گذاري وري اها امانت باسلامت، بنا ڪنهن خيانت جي واپس وٺڻ جي واعدي سان ويندا. هن وقت برساتن سبب ڪچي جو ڪجهه علائقو پاڻيءَ هيٺ اچي ويو آهي. ڌاڙيلن ماڻهو ڇڏڻ شروع ڪيا آهن. ظاهر آهي ته ڪيترائي ڌاڙيل محفوظ ٺڪاڻن ڏانهن منتقل ٿي چڪا هوندا. ۽ ’آپريشن_ آپريشن‘ راند ۾ ماڻهن جي ڌيان کي مصروف رکي، پوليس طرفان ڪين ڪنهن وڏي آپريشن کان بچائي جيئڻدان ڏيڻ تي ضرور مسرور ۽ مشڪور هوندا. لڳي ائين ٿو ته نگران اهو چوماسو سڪون سان ڪڍي ويندا. دراصل نگران به ويندڙ حڪومت جو تسلسل هوندا آهي. اهي ڪا وڏي تبديلي آڻڻ جي نه اهليت رکندا آهن ۽ نه ئي وري انهن کي اهڙو ڪو اختيار ۽ مينڊيٽ هوندو آهي. اهي ابتدائي چونڊون ڪرائڻ لاءِ آهن ۽ چونڊيل اڪثريتي پارٽيءَ کي اقتدار جي پُرامن منتقلي ڪري هليا ويندا آهن. نگرانيءَ واري مختصر عرصي لاءِ هنن کي جيڪا سنڌ ملندي، ان جي گهڻ رخي تباهي جو تدارڪ نگرانن کان ممڪن نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن اهڙي خوشفهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ گهرجي. هر اهڙي ڌر جيڪا گهڻو وقت اقتدار ۾ رهي هجي. اها نگرانن وارو مختصر عرصو اقتدار جي جدائي ۽ فراق ۾ ڪاري پاڻيءَ جي سزا سمجهندي آهي، باقي عوام ڇا سمجهندو آهي، "اهو ڇڏ ڪٿي". هن وقت ته ماڻهن جي تحفظ واري ذميواريءَ مان رياست به هٿ ڪڍي وئي آهي ۽ دفاع جو وفاقي وزير ماڻهن کي هٿياربند ڪرڻ جي صلاح ڏئي رهيو آهي. اسان اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگرديءَ ۾ ملوث ڌرين ۽ برادرين کي بي هٿيار ڪيو وڃي، جو هٿيارن جو استعمال رتوڇاڻ لاءِ ٿئي ٿو، سماج ۾ انارڪي ۽ تشدد ڦهلجي ٿو. ٻارڙن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم هجڻ بدران خواجا آصف هٿيار ڏيڻ جي صلاح ڏئي ٿو اها صلاح ڪهڙي ’خيرخواهيءَ‘ تي ٻڌل آهي؟ جڏهن عوام پنهنجي تحفظ لاءِ هٿيار کڻي ته پوءِ رياست جو ڪم ئي ڪهڙو ٿو رهجي وڃي؟ عوام ٽيڪس ڏئي ٿو، رياست جي ذميواري عوام جو تحفظ آهي پر هٿيارن جي صلاح ڏئي ڇا سنڌ ۾ به حڪمران "وار لارڊز" پيدا ڪرڻ چاهين ٿا؟ امن ۽ آشتي سنڌ جي سڃاڻپ رهي آهي. ان کي اها سڃاڻپ موٽائي ڏني وڃي. سنڌ کي گهرو ويڙهه جي واٽ ڏانهن نه ڌڪيو وڃي. رياست کي گهرجي ته اها عوام جي تحفظ واري پنهنجي ذميواري اهڙي نموني سان پوري ڪري، جو ڪنهن کي پنهنجي تحفظ لاءِ هٿيار رکڻ جي ضرورت ئي پيش نه اچي.

آصف علي زرداري هڪ عظيم

سيد علي حيدر

پاڪستان پيپلز پارٽي جو شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري 68 ورهين جو ٿي ويو آهي، سندس سياست کي پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ الڳ دور جي حيثيت سان ياد رکيو ويندو جهڙي طرح پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح. پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ اسلامي دنيا جي پهرين خاتون وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا الڳ الڳ سياسي عهد رهيا آهن هو پنهنجي ذات ۾ هڪ سياسي درسگاهه آهي ۽ هن وقت دنيا جي وڏن اڳواڻن ۾ هڪ نمايان مقام رکي ٿو. هن جو تعلق هڪ سياسي خاندان سان آهي. سندس والد رئيس حاڪم علي زرداري پاڻ وڏو ليڊر هو. ملڪ جي ترقي پسند قومي ۽ عوامي جمهوري حلقن ۾ سندس وڏي عزت هئي ۽ پاڪستان جي سياست بابت سندس لاڙو هميشه صحيح رهيو. جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾ جڏهن رجعت پسند ۽ انتها پسند قوتن کي پرورش ملي رهي هئي ان وقت حاڪم علي زرداري ترقي پسند ۽ جمهوري سوچ رکندڙ سياسي قوتن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. آصف علي زرداري کي عوام دوست ترقي پسند جمهوري سوچ ورثي ۾ ملي آهي. محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ جڏهن پاڪستان، جمهوريت ۽ سياست کي بچائڻ جي سموري ذميواري آصف علي زرداري جي ڪلهن تي اچي وئي ته هن اها ذميواري پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ دانش سان اهڙيءَ طرح پوري ڪئي جو اڄ سڄي دنيا سندس عظمت جي تعريف ڪري ٿي. محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت واري عظيم سانحي کان اڳ آصف علي زرداري يارنهن سال قيد جون سختيون انڪري برداشت ڪيون ڇاڪاڻ ته هو شهيد بي بي جو مڙس هو. شهيد بي بي کي دٻاءَ ۾ آڻڻ ۽ ڪيس سياست مان ڪڍڻ لاءِ آمراڻي حڪومتن ۽ پيپلز پارٽي مخالف حڪومتن شهيد بي بي ۽ آصف علي زرداري تي ڪوڙا ڪيس ٺاهي کين گرفتار ڪري رکيو. پر آصف علي زرداري بي مثال صبر ۽ استقلال جو مظاهرو ڪيو ۽ سندس قدم ڪڏهن به نه ڏڪيا. سندس ثابت قدمي جي ڪري شهيد بي بي پاڪستان جي آمراڻه ۽ دشمن قوتن سان ٽڪرائيندي رهي. جڏهن 27 ڊسمبر 2007ع تي محترمه بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ته اڳ ۾ ئي پريشانيءَ جو شڪار ملڪ جون بنياد لڏي ويون. ان عظيم سانحي کان پوءِ آصف علي زرداري پاڪستان کپي جو نعرو لڳايو ۽ اهو پيغام ڏنو ته اسان جو ڏک تمام وڏو آهي پر اسان کي پاڪستان کي بچائڻو آهي. هي اهو وقت هو جڏهن پاڪستان جو وفاق ۽ ان جو دفاع ڪندڙ قومي، عوامي ۽ جمهوري قوتون سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيون هيون. آصف علي زرداري لاءِ اهو سڀ کان وڏو چئلينج هو. هن لاءِ ٻيو وڏو چئلينج شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي سياسي ورثي پيپلز پارٽيءَ کي انتشار ۽ ورهاڱي کان بچائڻ هو. آصف علي زرداري جي قيادت ۾ دنيا ڏٺو ته حيرت انگيز واقعا پيش آيا ۽ بي بي جي شهادت جو غم تازو هو. جڏهن پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ ٻهتي ۽ پوءِ اڪثريتي پارٽي بڻجي سامهون آئي ته پيپلز پارٽي جي حڪومت قائم ٿي ۽ دنيا به اهو ڏٺو ته ڊڪٽيٽر جنرل پرويز مشرف صدر هائوس مان قوم کي خطاب ڪندي روئي روئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جڏهن پرويز مشرف صدر هائوس مان نڪري رهيو هو ته ماڻهن کي پنهنجي اکين تي يقين نه آيو ان واقعي ڪانپوءِ آصف علي زرداري وفاق پاڪستان کي مستقبل جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ، دهشتگردن خلاف جمهوري قوتن کي مضبوط ڪرڻ. پاڪستان جي معاشي استحڪام ۽ پاڪستان کي واپس شهيد ڀٽو ۽ شهيد جي آزاد پرڏيهي پاليسي جي رستي تي آڻڻ تي ڌيان ڏنو. شهيد بي بي جي مفاهمت جي فلسفي تي عمل ڪندي هن ملڪ ۾ سياسي تڪرار ختم ڪري قومي مسئلن ۽ سياسي قوتن کي متحد ڪيو. ان مفاهمت جو فائدو وٺندي پارليامينٽ 18هين آئيني ترميم اتفاق راءِ سان منظور ڪئي. اها هڪ عظيم ڪاميابي هئي. ان سان نه رڳو 1973ع جو آئين بحال ٿيو پر وفاق، پاڪستان ۽ جمهوريت کي درپيش خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ان ۾ وڌيڪ بهتري آئي. آصف علي زرداري هن آئيني ترميم سان نه رڳو وفاقي يونٽن کي وڌيڪ خودمختياري ڏني پر ننڍن وفاقي يونٽن جي احساس محرومي کي ختم ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا. هن نه رڳو بلوچستان جي عوام تي ٿيندڙ ظلمن تي معافي گهري بلڪ هن بلوچستان رائيٽس پيڪيج شروع ڪرڻ جو به اعلان ڪيو. آصف علي زرداري سرحد صوبي جي عوام جو پراڻو مطالبو پورو ڪندي هن صوبي جو نالو خيبر پختون خواهه رکيو ويو ۽ صوبي جي ماڻهن کي سندن قومي سڃاڻپ ڏني. صدر آصف علي زرداري انهن قبائلي علائقن کي انتظامي طور پاڪستان جي آئيني حدن اندر آڻڻ لاءِ فاٽا سڌارن وارو بل پاس ڪيو ۽ انهن کي ماضي وانگر عالمي طاقتن جي وڏي راند جو ميدان بڻجڻ کان روڪي سگهجي ٿو. آصف علي زرداري جي انهن ڪوششن جي ڪري وفاق پاڪستان ڪيترائي ڀيرا مضبوط ٿيو. صدر آصف علي زرداري جي هڪ ٻي وڏي ڪاميابي اها آهي ته هن هماليه تان پاڪستان _چين دوستي کي ڀيهر بلند ڪيو ۽ پاڪستان ۾ CPECيعني پاڪستان چين اقتصادي راهداري جا منصوبا شروع ڪيا. اهي منصوبا نه رڳو پاڪستان پر پوري خطي لاءِ گيم چينجر آهن. آصف علي زرداري پنهنجي صدارتي دور ۾ چين جا ايترا دورا ڪيا. جو شايد پاڪستان جي ڪيترن ئي سربراهن ۽ حڪومتن نه ڪيا هجن. آصف علي زرداري ٿرجي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جي عظيم منصوبي تي عملدرآمد شروع ڪري ڇڏيو. اڄ ٿرپاڪستان جو توانائي جو مرڪز بڻجي رهيو آهي. پاڪستان هڪ سئو سالن تائين ٿرجي ڪوئلي مان 25 هزار ميگاواٽ بجلي حاصل ڪري سگهي ٿو انهن عظيم منصوبن مان پاڪستان جي تقدير بدلائڻ جو اهو منصوبو به آهي. ساڳئي وقت صدر آصف علي زرداري ملڪ مان غربت جي خاتمي ۽ پورهيت طبقي کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا. هن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو. جيڪو پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو پروگرام آهي. جيڪو گذارا الائونسز سان گڏ نوجوانن جي تربيت، روزگار ۽ ڪاروباري قرضن تائين پکڙيل آهي. هن پروگرام جي ڪاميابي اها آهي ته ان کي نه رڳو عالمي سطح تي ساراهيو ويو. پر ايندڙ حڪومتن پاران پڻ جاري ۽ وڌايو ويو. آصف علي زرداري عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ شاندار قدم کنيا. هن عورتن لاءِ نوڪرين ۾ پنج سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪئي هن عورتن کي هارين کي زمينون الاٽ ڪيون ۽ عورتن کي تشدد ۽ حراسان ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ قانون سازي ڪئي. آصف علي زرداري جي دور صدارت ۾ اقليتن لاءِ نوڪرين ۾ 5 سيڪڙو ڪوٽا مختص ڪئي وئي ۽ انهن جي حقن جي تحفظ لاءِ قانون سازي ڪئي وئي. هن انساني حقن جي آئيني ضمانت جي تحفظ لاءِ مرڪز ۽ صوبن ۾ قانونسازي پڻ ڪئي. اڄ به پاڪستان جون سياسي قوتون ۽ رياستي ادارا آصف علي زرداريءَ ڏانهن ڏسن ٿا ته جيئن ان جي معيشت ۽ سياست کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏئي سگهجي. هو هڪ عظيم ليڊر آهي جنهن جي ڪري پارليامينٽ پاڪستان جي تاريخ ۾ پنهنجو ٽيون آئيني مدو پورو ڪري رهي آهي. انهن جي ڪري ئي ملڪ جون وڏيون ۽ قابل ذڪر سياسي قوتون جمهوري وهڪري جو حصو آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان کي بلاول ڀٽو زرداري جي صورت ۾ حقيقي ليڊر مليو آهي پر آصف علي زرداري جي قيادت اڄ به پاڪستان لاءِ ناگزير آهي اسان سندس سٺي صحت ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون ۽ ڪيس جنم ڏينهن جون واڌايون پيش ڪيون ٿا.

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيرُ؛
منجهيان ٿِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، تئي تنين جو واهَرو

بيحس قوم

عزيزه حنا عباسي

هونئن ته هن وقت ڪا به ڪاڏي ٻيتي جي شيءِ پنهنجي اصل حالت ۾ ملڻ مشڪل آهي پر سڀ کان خطرناڪ الڪير ۾ ڪيميڪل ملائڻ آهي جيڪو ڪر ڦهريائين غير مقامي ماڻهن پٺي ڪيو پر هاڻي اسانجي سنڌين پاڻ ان شيءِ ٺيڪو کنيو آهي پنهنجي قوم کي بيماري جي ڪنڌي تي پهچائڻ جو. سنڌ ۾ خاص طور ٺٽي شهر ۾ به ڪيميڪل مليل ڪير جو ڪاروبار عروج تي آهي. ڪاروبار ڪرڻ وارا ڪک پتي مان لکپتي بنجي ويا پر اڄ تائين شڪايتن باوجود به سرڪار ستل رهي جو شهر ۾ وڪجندڙ ڪير جو ليبارٽري ٽيسٽ ڪرائي. شايد ٻن ڪاروبار ۾ به گهٽڪي وانگر حصو پتي هجي پر صرف هڪ پل لاءِ اهو ضرور سوچيو ته ڇا اسانجا پنهنجا ماڻهو پنهنجي قوم سان سچا آهن؟ اسين چئون ٿا ته فلاڻن اسان سان ظلم ڪيو ناحق ڪيو اسانجا حق ڪائي ويا. پر هتي ته وڏا دشمن پنهنجي قوم جا پنهنجا ماڻهو آهن بجائي اهڙن غلط عملن کي سامهون آڻڻ بدران خود لالچ جي انڌ ۾ اچي پنهنجي قوم جي معصوم ٻچن جا دشمن ٿي ويٺا آهن ملاوٽ شده شيون کائڻ سان جيڪي خطرناڪ مرض قوم کي وڪوڙين پيا ان ۾ ڪنهن جو ڏوهه آهي. غير سنڌين جو يا اسانجي پنهنجن جو.؟ ٻئي طرف سڄي سنڌ گهٽڪي ۽ مائي جي پويان لي پئي آهي گهر ۾ اٽو هجي نه هجي پر مائو ضرور وٺبو. ڇڱا ڀلا پڙهيل لکيل ماڻهو به پيسي جي لالچ ۾ اهو ڪاروبار ڪري پنهنجي ئي قوم جي نسلن کي برباد پيا ڪن. نوجوانن کي ان زهر جو عادي بڻائي انهن جو جو مستقبل تباهه ڪيو پيو وڃي. ان ڪاروبار ڪرڻ وارا جيڪي ٻين جي ٻچن کي برباد ڪن ٿا پر ڇا انهن جا پنهنجا ٻچا خوش رهندا؟ ڇا مڪافات عمل نه ٿيندو؟ جو هي اڪيون پوري پنهنجي ئي قوم کي برباد پيا ڪن. اسين سڀ ٻين قومن بابت ته وڏيون رڙيون ٿا ڪريون ته اسان سان ظلم ٿيو پر ائين چو نٿا چئون ته اسانکي اسان جي پنهنجن ئي وڌيڪ تباهه ڪيو آهي. افسوس ڪجهه پيسن جي لالچ انسان کي ڪيڏو بيحس بنائي ڇڏي جو هو. ڪنهن نانگ وانگر پنهنجا ئي ٻچا کائڻ ٿو لي ڇا اهڙو ڪاروبار ڪرڻ وارن لاءِ ڪو قانون آهي ملڪ ۾؟ پر مسئلو اهوئي آهي ملڪ ته ليئي مڙيوئي مات لوپيو آهي. جتي ڪا به قانوني رٽ نظر نٿي اچي جتي چاڌاري لاقانونيت جو راڄ آهي. سڀ ڏوهه نگرانن جي نگرانيءَ هيٺ ٿين ٿا. خبر ناهي هي قوم ڪڏهن جاڳندي ۽ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ويڙهاند ڪندي

بقايا ❋❋❋ 01

ڪري ڇڏيو آهي. سندس چوڻ آهي ته بئنڪ آف چائنا ان حوالي سان پاڪستان کي باضابطا خط لکي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. ناڻي واري وزير جو چوڻ آهي ته پاڪستان ٻنهي سالن ۾ رڳو سود ادا ڪندو. هن چيو ته سمورن قرضن جي معاهدن جي مدي ۾ 21 جولاءِ 2023 کان 30 جون 2025 تائين واڌ ڪئي وئي آهي.

بقايا ❋❋❋ 02

نه وٺي سگهندو. فوج خلاف نفرت پکيڙيندڙ شخص کي 2 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ملندي. سينيٽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم واري حڪومتي بل جي اڪثريتي راءِ سان منظوري ڏئي ڇڏي. پي ٽي آءِ جا سينيٽرز احتجاج بعد واڪ آئوٽ ڪري ويا. آرمي ايڪٽ ۾ ترميم وارو بل دفاع واري وزير خواجا آصف پيش ڪيو. منظور ڪيل بل تحت آرمي چيف يا بااختيار آفيسر جي اجازت سان معلومات پڌري ڪندڙ شخص تي نئون قانون لاڳو نه ٿيندو. پاڪستان ۽ فوج جي مفادن خلاف انڪشاف ڪندڙن کي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ تحت منهن ڏنو ويندو. بل موجب هن قانون جي ماتحت شخص سياسي سرگرمين ۾ حصو نه وٺندو. حساس ڊيوٽي تي مقرر شخص 5 سالن تائين سياسي سرگرمي ۾ حصو نه وٺندو. پابنديءَ جي ڀڃڪڙي ڪندڙ کي 2 سالن تائين سزا ملندي. منظوري ڏنل بل موجب اليڪٽرانڪ ڪرائيم ۾ ملوث شخص جنهن جو مقصد فوج کي بدنام ڪرڻ هوندو ته ان جي خلاف اليڪٽرانڪ ڪرائيم تحت ڪارروائي ٿيندي. فوجي اهلڪار رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ 2 سالن تائين سياسي سرگرمين نه ڪري سگهندو. حساس ڊيوٽي تان رٽائر ٿيندڙ شخص 5 سالن تائين سياست ۾ حصو نه وٺي سگهندو. فوج خلاف نفرت پکيڙيندڙ شخص کي 2 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ملندي. بل جي متن موجب سرڪاري حيثيت ۾ ملڪي سلامتيءَ واري معلومات وائکي ڪندڙ شخص کي 5 سال قيد جي سزا ملندي. اهڙي شخص جي سياسي سرگرمين تي 5 سالن لاءِ پابندي لڳائي ويندي. فوج خلاف نفرت پکيڙيندڙ شخص کي 2 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ملندي. آرمي ايڪٽ ۾ ترميم وارو بل دفاع واري وزير خواجا آصف پاران پيش ڪيو ويو. منظور ڪيل بل تحت آرمي چيف يا بااختيار آفيسر جي اجازت سان معلومات پڌري ڪندڙ شخص تي نئون قانون لاڳو نه ٿيندو.

بقايا ❋❋❋ 03

رباني چيو ته آئون هن انڌي قانونسازي کي تسليم نٿو ڪريان. ايوان مان واڪ آئوٽ ٿو ڪريان. اڄ پارليامينٽ جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي: رضا رباني. اسلام آباد: پيپلزپارٽي جي سينيٽر رضا رباني آرمي ايڪٽ ۾ ترميمن جي منظوري کي "انڌي قانونسازي" قرار ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته رضا رباني ايوان مان واڪ آئوٽ به ڪري ويو. رضا رباني چيو ته اڄ پارليامينٽ جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي. آرمي ايڪٽ واري ترميمي بل ۾ تجويز ڪيل اسان جي ترميمن کي نظرانداز ڪيو ويو اوچتي ۽ انڌي قانونسازي بابت اسان کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو. هن چيو ته اسان کي اها خبر ئي نه آهي ته منظور ڪرايل بلن ۾ ڇا موجود آهي. اهڙي تڪراري قانونسازي خلاف احتجاج طور ٽوڪن واڪ آئوٽ ڪيان ٿو.

بقايا ❋❋❋ 04

ڪري ڇڏي آهي جنهن جي نتيجي ۾ جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ ۽ ندي نالن ۾ چاڙهه جو خطرو برقرار آهي. موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ڏيره غازي خان، اٽڪ، اوپر ۽ ڏکڻ بلوچستان جي علائقن ڪوئيٽا، زوب، قلعه سيف الله، زيارت، بارکان، ڪوهلو، شيراني، برکاني، بولان، لورالائي، خضدار، لسبيلو، ڪيچ، تربت، پنجگور، آواران ۽ پرهاسي جي ندي نالن ۾ چاڙهه جو امڪان آهي. ايندڙ ٻن ڏينهن دوران اسلام آباد، راولپنڊي، پشاور، چارسده، مردان، نوشهره، ايبٽ آباد، مانسهره، گوجرانوالا، گجرات، نارووال، سيالڪوٽ، لاهور، قصور ۽ فيصل آباد ۾ تيز برساتن دوران هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته مري، گليات، ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ خيبرپختونخواهه جي جابلو علائقن ۾ ٻوڏ جو به خطرو آهي. نيشنل ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) موسميات کاتي طرفان وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ امڪاني خطرن جي تدارڪ لاءِ ايڊوائزري جاري ڪري ڇڏي آهي. اين ڊي ايم اي جي ايڊوائزري ۾ چيو ويو آهي ته تيز برساتن سبب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران بلوچستان جي ضلعن لورالائي، قلات، سبي، مڪران، نصيرآباد ۾ ندي نالن ۾ ٻوڏ صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو اهڙي طرح ڪابل درياءَ سان جڙيل ندي نالن ۾ ٻوڏ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. خيبرپختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ آزاد جموں ڪشمير ۾ به ٻوڏ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان جي جابلو علائقن ۾ به ٻوڏ جو خطرو برقرار آهي. اهڙي طرح درياهن ۾ تيز وهڪرن سبب هيٺاهين وارن علائقن ۾ ٻوڏ جو امڪان آهي. اين ڊي ايم اي پنهنجي ايڊوائزري ۾ چيو آهي ته امڪاني خطرن جي تدارڪ لاءِ عوام کي اڳواٽ حفاظتي تدبيرن جي آگاهي ڏني وڃي. حساس علائقن طرف ٽريفڪ جي منظم نگراني ڪئي وڃي. هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينري تيار رکي وڃي. هيٺاهين وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي لڏ پلاڻ جا به امڪان مڪمل ڪيا وڃن.

بقايا ❋❋❋ 05

سنڌ حڪومت ڪارونجهر جي تاريخي حيثيت کي ڪنهن به صورت ۾ متاثر ٿيڻ نه ڏيندي. هن چيو ته سنڌ حڪومت اربين روپين جي لاڳت سان ڪيترائي ننڍا ڊيم ٺاهيا آهن ته جيئن ڪارونجهر جي ڀرپاسي جي ڳوٺن ۽ زمينن کي پاڻي فراهم ڪيو وڃي. حڪومت چاهي ٿي ته ڪارونجهر جي تاريخي حيثيت کي بچائڻ سان گڏ هن علائقي جي عوام جي معاشي حالت کي به بهتر بڻايو وڃي. هن چيو ته ڪارونجهر اهو علائقو آهي جتان مون صوبائي اسيمبلي جي اميدوار طور پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. هن چيو ته ڪارونجهر ۽ ٿرجي عوام سدائين پاڪستان پيپلز پارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي ۽ ووٽ ڏنو آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ٿر ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جو بي مثال منصوبو مڪمل ڪيو آهي. ٿر ۾ ايئرپورٽ ٺاهيا. شاندار روڊن جو جار وڇايو. آر او پلانٽس لڳايا. ٿر جي رهواسين لاءِ رهائش، تعليم، صحت مرڪز ۽ معاشي ترقي جي منصوبن ۾ حصو وٺڻ جا موقعا پيدا ڪيا. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي عوام جي خوشحالي ۽ ترقي جي منصوبن لاءِ ڪمڪري رهي آهي ۽ عوامي خدمت جو اهو فرض نڀائيندا رهنداسين هن چيو ته سنڌ ڪابينا ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي رٽائرڊ ملازمن کي پينشن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اجلاس ۾ سيسي جي گورننگ باڊيز جي قيام جي منظوري ڏني وئي آهي ۽ فيصلو ڪيو ويو آهي ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ واري پاليسي تحت اهڙن سمورن گورننگ باڊيز ۾ عورتن کي نمائندگي ڏني ويندي. ڪابينا صوبائي مالياتي ڪميشن جي قيام جي به منظوري ڏني آهي. خيرپور اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ضابطن کي ون ونڊو تحت ڊيل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سکر ۾ صنعتي علائقو مختص ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته جيئن سکر ۾ سيڙپڪاري ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿين ڪابينا حيدرآباد ۾ صنعتي زون ٺاهڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي. پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت عوام لاءِ روزگار ۽ معاشي ترقي جا موقعا پيدا ڪرڻ چاهي ٿي. سنڌ حڪومت آٽزم سينٽر جي قيام ۽ تربيت لاءِ 70 ڪروڙ رپيا فراهم ڪندي. ڪابينا نئين اسڪيمن جا فيصلا پڻ ڪيا. سنڌ حڪومت جو فوڪس عوام کي سهولتن جي فراهمي آهي. سنڌ حڪومت 1980ع کان وٺي سرڪاري کاتن جا قرض معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. دنيا جي تاريخ جو سڀ کان وڏو منصوبو 21 لک ٻي گهر ماڻهن کي گهر فراهم ڪرڻ لاءِ تيزي سان هلي رهيو آهي. انهن گهرن جا ٽائيٽل عورتن جي نالن تي ڏنا پيا وڃن. چونڊن کان پوءِ جيئن ئي پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺهندي ته سڄي پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل ماڻهن کي گهر ڏنا ويندا. عمران خان جي پارٽي بي گهر ماڻهن لاءِ گهر ٺاهڻ جو فنڊ پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ۽ ماڻهن کي گهر نه ڏنا. پيپلز پارٽي بي گهر ماڻهن لاءِ مالڪي حقن سميت گهر ٺاهي ڏئي رهي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جنهن به سياستدان يا حڪمران سرڪاري راز ظاهر ڪيا آهن ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. سنڌ ۾ صنعتن جي قيام لاءِ مسلسل ڪم ڪيو پيو وڃي. ان لاءِ سنڌ حڪومت صنعتي زون ٺاهي رهي آهي ته جيئن صنعتي ماحول ميسر ڪري سگهجي. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گذريل ڏينهن وزيراعظم سان سندس خيرسگالي ملاقات ٿي هئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪنهن به فرد جو قرض معاف نه ڪيو ويو آهي، رڳو سرڪاري ادارن جا قرض معاف ڪيا ويا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته آءِ جي سنڌ مڪمل خودمختيار آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مان اسيمبلي فلور تي بيٺو هئس ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻن کي اچڻ لاءِ چيو هو پر هو نه آيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي دور حڪومت ۾ مثالي ڪم ڪيا آهن ڪراچي ۾ پيپلز بس سروس جا نوان روٽ سومر يا اڱاري کان شروع ڪيا ويندا امن امان جي صورتحال لاءِ سنڌ حڪومت ۽ ادارا مڪمل الرٽ آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪارونجهر جبل اسان جو تاريخي اثاثو آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان پهچڻ نه ڏنو ويندو. ڪارونجهر ۾ اربين روپين جي لاڳت سان ننڍا ڊيم ٺاهيا ويا آهن ته جيئن ڀرپاسي جي ڳوٺن کي پاڻي پهچايو وڃي. ڪارونجهر جي عوام هميشه پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏنو ۽ پيپلز پارٽيءَ ٿر ۾ روڊ، ايئرپورٽ ٺاهيا. بجلي جا منصوبا ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اليڪشن ڪميشن مردم شماري لاءِ واضح موقف اختيار ڪيو آهي ته چونڊون آخري آدمشماري جي بنياد تي ئي ٿينديون.

بقايا ❋❋❋ 06

نٿا چاهين. جيڪڏهن اسان حفاظت نه ڪنداسين ته ڪير سرمائيڪاري ڪندو. وزيراعظم چيو ته چين ٽوٽل 2.4 ارب ڊالر جو قرض رول اوور ڪيو سعودي عرب، چين، متحده عرب امارات اسان جي مدد ڪئي. هاڻ پاڪستان ڊيفالٽ جي خطري کان نڪري چڪو آهي. شهباز شريف چيو ته ايندڙ سال ليپ ٽاپ ڪوٽه 14 مان وڌائي 18 سيڪڙو ڪري رهيا آهيون. هڪ لک ليپ ٽاپ گذريل بجيٽ جي حوالي سان ورهايا ويا. هڪ لک ليپ ٽاپ ايندڙ بجيٽ ۾ ورهايا ويندا. ليپ ٽاپ چئني صوبن جي ملڪيت ۽ انهن جي ميرٽ جو معيار آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪو به صوبو اڪيلي ترقي ڪندو ته پاڪستان ترقي نٿو ڪري سگهي. اڳوڻي حڪومت کي گوادر ۽ بلوچستان جي ترقي پسند نه هئي. 5 سالن دوران هڪ لک ٽن سامان گهرايو ويو جڏهن ته اسان جي دور ۾ 15 مهينن دوران 6 لک ٽن جو سامان گوادر مان آيو. اڪنامڪ سائيڪل جو فائدو گوادر ۽ بلوچستان جي عوام کي ٿيندو وزيراعظم چيو ته مون کي ٻڌايو ويو آهي ته 2015 کان پوءِ گوادر بندرگاهه جي ڊرلنگ نه ٿي آهي. جيڪڏهن صفائي نه ٿيندي ته جهاز ڪيئن ايندا؟ اسان معاهدو ڪري ڊرلنگ شروع ڪئي جيڪا فيبروري مارچ تائين مڪمل ٿي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي جي گهرائين جي حوالي سان گوادر جو دنيا ۾ نالو آهي. گوادر جي سمنڊ جو دنيا جي گهري ترين سمنڊ ۾ شمار ٿيندو آهي. بلوچستان جي ترقياتي منصوبن ۾ عوام جي ترقي جو راز لڪل آهي. شهباز شريف چيو ته اڳوڻي حڪومت جي دور ۾ اربين روپيه ضايع ڪيا ويا. پر ان سان عوام کي ڪوبه فائدو نه ٿيو ريڪوڊڪ جي جهيڙي تي اربين روپيه لڳي ويا. ريڪوڊڪ سينڊڪ ۽ ٻيا خزانا صوبي ۾ موجود آهن. ذخيرن تي سڀني کان پهريون حق اتان جي عوام جو آهي.

بقايا ❋❋❋ 07

پاران رشوت سميت ٻيا سنگين الزام هڻيا ويا آهن. سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪانفرنس ڪندڙ 4 ڊاڪٽر گهر پيڙا. هڪ ڊاڪٽر کي سزا طور ٿر اماڻيو ويو. وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي صدر ڊاڪٽر عبدالقدوس ميمڻ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ميرپورخاص حاڪم جلباڻي کي هٽائي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. بدين جي سينيئر وٽرنري آفيسر ڊاڪٽر اويس ميمڻ ۽ سجاول جي سينيئر وٽرنري آفيسر علي حسن جت کي به انتقام طور رپورٽ ڪرايو ويو. سيڪريٽري خلاف ڪيل پريس ڪانفرنس تي ڪمينٽس ڪندڙ ٺٽي جي ڊاڪٽر منظور گراماڻي کي به سزا طور ٿر بدلي ڪيو ويو. لائيواسٽاڪ کاتي ۾ چيف سيڪريٽري جي منظوري بنا بدلين ۽ مقررين وارا آرڊر جاري ٿيڻ وارو اسڪينڊل به سامهون اچي چڪو. سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ حفيظ سيال پاران چيف سيڪريٽري جا اختيار استعمال ڪرڻ واري معاملي جي جاچ به شروع نه ٿي.

بقايا ❋❋❋ 08

پاڪ جي توهين وارن واقعن سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب بلاول ڀٽو زرداري اسلاموفوبيا خلاف گڏيل قومن جي اجتماعي ڪارروائي جي ضرورت تي زور ڏنو. ترجمان موجب پرڏيهي وزير ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري وچ ۾ ٻوڏ کان پوءِ بحالي جي صورتحال تي به ڳالهيون ڪيون ويون. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب پرڏيهي وزير انٽونيو گوتريس سان ترقي يافته ملڪن ۾ تحفظ خوراڪ تي به ڳالهيون ڪيون جڏهن ته ان دوران بحر اسود ۾ خوراڪ جي قدمن جي حوالي سان به ڳالهيون ڪيون ويون. ياد رهي ته گذريل ڏينهن پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي معاملي تي او آءِ سي جنرل سيڪريٽري سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو هو. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحه سان اڄ ٽيليفون تي رابطو ڪيو جيڪو يورپي ملڪن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي واقعن جي حوالي سان ڪيو ويو.

بقايا ❋❋❋ 09

ڪيو هو ته آءِ جي سنڌ بااختيار ناهي. وڏو وزير ۽ صوبائي ڪابينا سندس اختيارن ۾ مداخلت ڪن ٿا. عدالت اهڙي حڪم تي تاريخي حڪم جاري ڪندي چيو آهي ته پوليس جي ڪم ۾ وڏو وزير ۽ ٻيا وزير مداخلت فوري طور ختم ڪن. سنڌ هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته آءِ جي سنڌ کي ٽن سالن جو مدو پورو ڪرڻ کان اڳ نه هٽايو وڃي.

بقايا ❋❋❋ 10

آهي ته سيما بابت ڪنهن به قسم جي ڄاڻ ناهي ڏني وئي، اڃا تائين اسان سيما جي قوميت جي تصديق ناهيون ڪري سگهيا. ترجمان چيو ته پاڪستان آيل عورت انجو قانوني ويزا تي آئي آهي، ڀارتي هاءِ ڪميشن اڃا تائين انجو جي حوالي سان ڪنهن به قسم جو ڪو رابطو ناهي ڪيو. پرڏيهي ترجمان علائقائي صورتحال بابت چوڻ هو ته پاڪستان خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو ته ڀارتي بجاءِ واري وزيرجي لداخ بابت بيان جي پاڪستان مذمت ڪري ٿو. پاڪستان خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم جاري آهي. عالمي برادري والاريل وادي ۾ ٿيندڙ ظلم جو نوٽيس وٺي. هن ڊينمارڪ ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري واقعي تي ڳالهائيندي چيو ته اهو واقعو قبولڻ جوڳو ناهي. پاڪستان واقعي جي مذمت ڪري ٿو سندس چوڻ هو ته اظهار جي آزادي جي نالي تي ڪنهن جي مذهبي جذبن کي مجروح نٿو ڪري سگهجي. دنيا کي اسلامو فوبيا خلاف اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان فون تي رابطو ڪيو آهي.

بقايا ❋❋❋ 11

ڇڏيو آهي. صدر جي منظوري بعد بل قانون جي صورت ۾ فوري طور لاڳو ٿي ويندو. ذريعن موجب، وفاقي حڪومت چونڊ سڌارن واري بل بابت صدر کي پيغام ڏنو آهي ته گڏيل اجلاس مان منظور ٿيل شڪل ۾ مسودو تي فوري طور صحيح ڪئي وڃي ته جيئن ايڪٽ آف پارليامينٽ بڻجي سگهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چونڊ سڌارن واري بل ۾ حڪومت، مخالف ڌر ۽ اتحادين جي صلاح مشوري سان ترميمن جي تجويز ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب، چونڊ سڌارن واري بل سان ايندڙ عام چونڊن کي شفاف ۽ نتيجن کي بنا دير اڳتي آڻڻ ۾ مدد ملندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر عارف علوي بل تي غور بعد صحيح ڪري ڇڏي ته فوري طور ايڪٽ آف پارليامينٽ لاڳو ٿيندو. ذريعن موجب، صدر صحيح نه ڪئي ته چونڊ سڌارن وارو بل 14 ڏينهن ۾ پاڻمرادو لاڳو ٿي ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر عارف علوي آخري ڏينهن تائين صحيح نه ڪئي ته چونڊ سڌارن وارو بل 9 آگسٽ تي پاڻمرادو لاڳو ٿي ويندو.

بقايا ❋❋❋ 12

آهي. انٽربئنڪ ۾ اڄ آمريڪي ڊالر 64 پئسا مهانگو ٿي ويو آهي. انٽربئنڪ ۾ ڊالر 64 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 286 رپيا 40 پئسا تي ويو ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر 287 رپيا 4 پئسا تي بند ٿيو.

بقايا ❋❋❋ 13

۾ پيش ڪيل چونڊ سڌارن واري ترميمي بل جي مخالفت ڪري ڇڏي. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خطاب ڪندي پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر چيو ته اسان جون بل ۾ ٽي ترميمون شامل هيون. هن چيو ته ٻه ترميمون رڳو پي ٽي آءِ جي لاءِ شامل ڪيون ويون. نگران حڪومت چونڊيل حڪومت جي جاءِ نه ٿي وٺي سگهي. هن ٻڌايو ته نگران حڪومت کي اختيار ڏيڻ آئين جو قتل آهي. نگران حڪومت کي چونڊيل حڪومت جا اختيار ڏنا ويا ته سپريم ڪورٽ 10 ڏينهن ۾ بل کي اڏائي ڇڏيندي.

بقايا ❋❋❋ 14

جي نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو آهي. جڏهن ته چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي. دبئي ۾ ٿيندڙ سياسي ملاقات سان جڙيل اهم ذريعي جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ معاشي ايمرجنسي تي به ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جنهن جي تحت چونڊن کي 6 مهينن جي لاءِ ملتوي ڪرڻ جي امڪانن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي پر سياسي نظام جي پختگي ۽ استحڪام جي لاءِ ٻنهي سياسي اڳواڻن چونڊون ڪرائڻ جي حق ۾ به آهن. رپورٽون آهن ته اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري وچ ۾ ڊگهي ملاقات سومر جي رات ٿي هئي اهم ذريعي تصديق ڪئي آهي ته مشاورت جو سلسلو تقريبن اڍائي ڪلاڪ جاري رهيو ۽ هڪ وڏي هوٽل جي ميٽنگ روم ۾ ٿيو ملاقات دوران ڪيل مشاورت ۾ اها ڳالهه به دهرائي وئي ته نگران وزيراعظم مڪمل طور تي غير جانبدار ۽ غير تڪراري هجڻ گهرجي ته جيئن چونڊ نتيجن کي سڀ قبول ڪن پر ايندڙ ڪجهه مهينن دوران معاشي نظام جي بهتري لاءِ طاقتور معاشي ماهر جي ضرورت تي به زور ڏنو پيو وڃي جو ته ٻنهي اڳواڻن جو اتفاق آهي ته معاشي حالت خراب ٿيڻ سياسي پارٽي جي ووٽ بينڪ تي منفي اثر پوندو. ڳالهين سان جڙيل ماڻهن جو چوڻ آهي ته في الحال ٻنهي سياسي پارٽين جي اڳواڻن پاڪستان ۾ پنهنجن ٻين سياسي اڳواڻن کي ڳالهين جي باري ۾ آگاهه نه ڪيو آهي ان لاءِ ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن دبئي جي ملاقات کان لاعلمي جو اظهار ڪري رهيا آهن ذريعن موجب ٻنهي سياسي اڳواڻن ۾ وڌيڪ ڳالهيون ٿينديون ۽ ٻين اتحادي پارٽين جي اڳواڻن کي به اعتماد ۾ ورتو ويندو پر اڃان تائين ڪلاڪن جي مشاورت ۾ ڪيترائي نالا بحث آيا خاص طور تي ڏکڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ غير سياسي شخصيت تي ڊگهو سيشن ٿيو پر حتمي فيصلو اڃان تائين نه ٿي سگهيو آهي. رپورٽون آهن اڳوڻو وزيراعظم معاشي بهتري جي لاءِ فوري قدم کڻڻ تي زور ڏئي رهيو آهي ته جيئن عوام کي ڪجهه رليف ڏئي سگهجي پر اڳوڻو صدر آصف زرداري ملڪ ۾ تڪڙين چونڊن کان پوءِ معاشي بهتري جي لاءِ قدم کڻڻ تي جميل آهي (ن) ليگ جي ذريعن موجب اڱاري تي ٻنپهرن جو اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ٻه رڪني ڪاروباري وفد ملاقات ڪئي ۽ ملڪ ۾ سرمائيڪاري جي حوالي سان اهم اڳڀرائي ٿي آهي.

بقايا ❋❋❋ 15

چاڙهه بعد پاڻي سطح 112 آر ايل تائين پهچي وئي آهي. ٻن ڏينهن دوران منڇر ڍنڍ ۾ پنج فوٽ پاڻي وڌيو آهي. آبپاشي کاتي موجب منڇر ڍنڍ ۾ هاڻي 30 فوٽ پاڻي جي گنجائش موجود آهي. بندن جي مضبوطي وارو ڪم جاري آهي. 2022ع جي ٻوڏ دوران تباهه ٿيل منڇر جي بندن جي ڀيهر بحالي وارو ڪم جاري آهي. دانستر واهه جي نون دروازن جو ڪم به تيزي سان جاري آهي. جڏهن ته ڪاڇي ۾ برسات بعد وري ماروئڙن جا سور ٻيڻا ٿي ويا آهن. رستا شهرن سان ڪٽجي ويا آهن

بقايا ❋❋❋ 16

17 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. عدالت ٻاهران ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدار نٿا چاهين ته ڪيس هلي. سندن وڪيل درخواست ڏني ته ڪيس تياري لاءِ نئين تاريخ ڏني وڃي. ام رباب چانڊيو جو چوڻ هو ته جوابدارن کي جيترو ڀڄڻو آهي ڀڄن. پر اسان ڀڄڻ وارا ناهيون. عدالتن مان انصاف جي اميد آهي. هن چيو ته پهريان به چيو هو ته اسان جي زندگين کي خطرو آهي. عدالت سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جو چيو هو. اسان کي عدالتن مان اميد آهي. انشاءَ الله اسان کي انصاف ضرور ملندو.

بقايا ❋❋❋ 17

سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي بيان ۾ شيخ رشيد احمد چيو آهي ته 15 ڏينهن رهجي ويا آهن. بيشڪ ليپ ٽاپ جي سيل لڳايو يا پنهنجي مرضي موجب نگران وزيراعظم جي اختيارن جي ترميم ڪرائي وٺو اسيمبلي ميمبرن کي ترقياتي ڪمن لاءِ 50 ارب روپين جي بجاءِ 100 ارب روپيه به جاري ڪريو. ووٽ ترقياتي ڪمن جو نه عزت جو مسئلو آهي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته ماڻهن کي ته مهانگائي ۽ بجلي جي بلن ماري ڇڏيو آهي ته ترقياتي ڪم ڇا ڪندا. اٽو ۽ کنڊ جي مهانگائي جو ڦندو ئي غريب عوام لاءِ ڪافي هو هاڻ بجلي جي مهانگائي جو وڌيڪ ڦندو به ماڻهن جي ڳچي ۾ وڌو ويو آهي. اها ڪهڙي انڊسٽري آهي جيڪا هن مهانگي بجلي تي هلي سگهي ٿي. هن چيو ته آپگهات. بک. آئين ۽ قانون جي بيحرمتي. چادر ۽ چارديواري جي تباهي حڪومت جو سياسي قبرستان بڻائي ڇڏيندي. اٽو کنڊ. بجلي. آئين ۽ قانون سان راند اوهان کي ڪٿي جو به نه ڇڏيندي. جنهن کي الله ختم نه ڪري ان کي ڪير به ختم نٿو ڪري سگهي. الله وٽ دير آهي انڌير نه آهي. پنهنجي مرضي جو نگران وزيراعظم ڪٿي اچو پنهنجي مرضي جي چونڊ نشان جي چونڊ ڪريو. جيڪڏهن چونڊون ٿيون ته شڪست اوهان جو مقدر آهي. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته 15 مهينن ۾ جيڪو ظلم اوهان سياسي مخالفن تي ڪيو آهي ان جي مثال پاڪستان ۾ ڪٿي به نٿي ملي. بي گناهن سان جيل ڀريل آهن. ننڍن ڪيسن جا ٽائيٽل ۾ انبار لڳل آهن. جمهوريت جي نالي تي فاشزم دهشتگردي ۽ ڦرمار جو بازار گرم آهي اهو بازار تمام جلد بند ٿيڻ وارو آهي ۽ عوام پنهنجا حق وٺي رهندي.

بقايا ❋❋❋ 18

هاڻي گم آهي تصويرون سوشل ميڊيا تي جاري ڪندڙ پاڻي ڪليئر ٿيڻ جون به تصويرون ڏسن شهرين کي ڪٿي به ڪا شڪايت هجي ته اهي مون کي ٻڌائين ڪي ايم سي ڪراچي. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن سميت سمورن لاڳاپيل کاتن جون ٽيمون گرائونڊ تي موجود آهن اها ڳالهه هن شهر ۾ ٿيندڙ هاڻوڪين برساتن کان پوءِ رات دير سان سينٽرل ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي ڪئي. ميئر مرتضيٰ وهاب شادمان جي علائقي ڊبل نالي ۽ يو پي نالي جو دورو ڪيو ۽ ان جو جائزو ورتو هن ان ڳالهه تي اطمينان ظاهر ڪيو ته برسات ۾ نالي جو وهڪرو برقرار آهي شادمان نالو ڪجهه هنڌن تي بند هو جنهن کي بنا دير ڪليئر ڪيو ويو آهي ميئر نانگن چورنگي. يو پي موڙ. سليم سينٽر. پاور هائوس چورنگي ۽ لاڳاپيل علائقن ۾ به ويو جتي برساتي پاڻي جي نيڪال تي مقرر عملي پاڻي جي نيڪال جو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو هو ميئر چيو ته چوماسي جي برساتن ۾ شهرين کي ٿيندڙ ڏکيائين سبب اسان اڳواٽ اهڙا قدم کنيا جن جي ڪري نه رڳو برساتي نالن ۾ وهڪرو ۽ سطح برقرار رهي پر رستن ۽ شاهراهن تي بيهاڻي جي نيڪال جو ڪم تيزي سان مڪمل ٿي ويو.

بقايا ❋❋❋ 19

گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي سنڌ جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن وٽان 2 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدار جو تعلق بي ايل اي سان آهي. ترجمان موجب سي ٽي ڊي شهر جي مختلف شڪي علائقن ۾ ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروايون ڪيون. سي ٽي ڊي ترجمان موجب سرچ آپريشن موچڪو ٿاڻي جي آس پاس جي علائقن سعيد آباد. بس ٽرمينل. نيو ڪالوني ۽ رئيس گوٺ ۾ ڪيو ويو آپريشن دوران سرچ ايپ ذريعي 64 شڪي ماڻهن کي چيڪ ڪيو ويو سرچ آپريشن دوران سي ٽي ڊي جي ٽيم رئيس گوٺ مان 2 جوابدارن کي حراست ۾ وٺي سندن وٽان ٽيپو سلطان ٿاڻي جي حد مان چوري ڪيل 2 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون. جوابدارن کي وڌيڪ جاچ لاءِ سينٽرل منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ 20

هوم ڊپارٽمينٽ ۽ عدالت ۾ پيش ٿيو سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته عدالت پڇاڻو ڪيو هو ته ڇا ايم پي او آرڊر تي ڪابينه جي منظوري حاصل آهي سنڌ حڪومت سمجهي ٿي ته ايم پي او آرڊرز قانون ماطبق جاري ڪيا ويا ايم پي او آرڊرز کي قانون ۽ آئيني تحفظ حاصل آهي عدالت پڇاڻو ڪيو ته ٻڌايو ته هي ايم پي او آرڊرز جاري ڪرڻ جو اختيار ڪنهن کي حاصل آهي سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته سنڌ حڪومت جي وس آهي ته ايم پي او جاري ڪرڻ جو اختيار ڪنهن کي ڏئي ڇڏي جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏنا ته قانون پڙهو هن قانون ۾ نه ترميم ٿي چڪي قانون ڪٿي نٿو چوي ته آئي جي سنڌ ۽ هوم سيڪريٽري کي هي اختيار حاصل آهي هي اختيار رڳو مئجسٽريٽ کي منتقل ڪري سگهجي ٿو ريلي نڪتي ضمانت تي ته ڇا ايم پي او تحت بند ڪري سگهجي ٿو جسٽس عدنان اقبال چوڌري پڇاڻو ڪيو ته ٻڌايو ته انهن جوابدارن جي ڪهڙي ڪرمنل هسٽري لکيل آهي سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته درخواست گذار هوم سيڪريٽري کي درخواست ڏئي سگهن ٿا جسٽس ذوالفقارعلي سانگي ريمارڪس ڏنا ته هوم ڊپارٽمينٽ ڪوئي فيصلو نه ڪيو تڏهن ته معاملو هتي آيو سرڪاري وڪيل موقف ڏنو ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو آهي ته ايم پي او کي هوم سيڪريٽري جي روبرو چئلينج ڪري سگهجي ٿو عدالت ايڊيشنل هوم سيڪريٽري کي چيو ته اوهان کي ڪيئن خبر

آهي ته هي جوابدار [illegible] ايڊيشنل هوم [illegible] آهن ته عدالت [illegible] ريمارڪس [illegible] ڪئميرا [illegible] سيڪريٽري [illegible] جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏنا ته ڪئي آهن ڏيکاريو عدالت کي ايڊيشنل هوم سيڪريٽري موبائيل ججز جي اڳيان پيش ڪري ڇڏيو ايڊيشنل هوم سيڪريٽري چيو ته انهن جوابدارن بابت اسان وٽ حساس ڄاڻ آهي درخواست گذارن جي وڪيل عابد جوهر ايڊووڪيٽ موقف ڏنو ته ايم پي او سنگين جرم جي نوعيت تي لڳائي سگهجي ٿو سرڪاري وڪيل موقف ڏيندي چيو ته وجاهت علي، روشن قيوم سميت 3 ڪارڪن خيرپور جيل ۾ آهن عابد جوهر ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته ريلي ڪورنگي ۾ نڪتي گرفتاريون سڄي سنڌ ۾ ٿيون هن وقت تائين سڄي سنڌ ۾ 500 ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا ايم پي او آرڊرز جاري ڪرڻ جو ڪوئي جواز نه آهي معطل ڪيا وڃن جسٽس عدنان اقبال چوڌري ريمارڪس ڏنا ته ڇا اوهان جوابدارن کي لکت شڪل ۾ آگاهه ڪيو حڪومت جو هي حال آهي جوان کي قانون جو ناهي پتو ٻڌايو پبلڪ ڇا ڪندي هي سراسر اختيارن جو ناجائز استعمال آهي حراست هيٺ فرد کي لکت آگاهه ڪرڻ لازم آهي عدالت ايم پي او آرڊرز کي اختيارن جو سراسر ناجائز قرار ڏئي ڇڏيو عدالت سمورن جوابدارن کي 24 ڪلاڪن ۾ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت عملدرآمد رپورٽ به پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا ❋❋❋ 21

۾ شرڪت ڪئي وئي. گذريل ڏينهن ڊفينس فيز 7 ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري ايم پي اي اسلم ابڙو جي ڀاءُ اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار ابڙو کي قتل ڪيو هو. فائرنگ ۾ زخمي ٿيل عبدالله ابڙو ۽ ارشاد پنهور جو ڪراچي ۾ علاج جاري. اڪرم ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار جا مڙهه ڪراچي کان جيڪب آباد منتقل ڪيا ويا. ٽائون هال ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهه بجل واهه جي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا ❋❋❋ 22

رهيو. هن گرفتاري وارنٽ ملتوي ۽ وڊيو لنڪ تي حاضري جي درخواست ڏني. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته وڪيل صفائي موجب شهباز گل سخت بيمار آهي. عدالت نٿو اچي سگهي. اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي عدالت ۾ پيشي کان سواءِ ختم نٿي ڪري سگهجي. شهباز گل مخصوص وقت جي لاءِ پرڏيهه وڃڻ جي هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪئي. تفصيلي فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پوليس شهباز گل خلاف اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي بابت رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. پوليس موجب شهباز گل کي رهائشگاهه تان گرفتاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. شهباز گل جي رهائشگاهه تي اشتهاري قرار ڏيڻ جو اشتهار پڻ لڳايو ويو آهي. عدالت چيو ته شهباز گل ڄاڻي واڻي پنهنجي گرفتاري کان پاسو ڪري رهيو آهي. عدالت کيس اشتهاري قرار ڏئي ٿي ۽ ان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ به جاري ڪيا ويا آهن. نادرا طرفان جاري ڪيل رپورٽ موجب شهباز گل جو سڃاڻپ ڪارڊ به بلاڪ ڪيو ويو آهي. عدالتي فيصلي ۾ حڪم ڏنو ويو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر فيصل آباد ۽ اسلام آباد شهباز گل جي ملڪيت بابت رپورٽ 31 جولاءِ تائين جمع ڪرائين.

بقايا ❋❋❋ 23

تي ڪئي وئي. ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين جي جوڙيل خاص ٽيم محرم الحرام ۾ کائڻ پيئڻ جي شين خاص ڪري ملاوٽ کان پاڪ کير جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لي مارڪيٽ ۾ ڪارروائي ڪئي. ڪارروائي ڪرڻ واري ٽيم ڊائريڪٽر آپريشن رفيق ميمڻ. ڊپٽي ڊائريڪٽرن بشير خان، مريم ٽالپور ۽ ٻين آفيسرن تي مشتمل هئي. ان موقعي تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم سان گڏ موبائل ٽيسٽنگ ليب پڻ موجود هئي. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم کائڻ پيئڻ جي شين خاص ڪري کير جي وڪرو ڪرڻ وارن دڪانن جو معائنو ڪيو معائني جي دوران غير معياري کير جي وڪرو ڪرڻ وارن تي ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا. ان کان علاوه ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته محرم الحرام جي مقدس مهيني ۾ کائڻ پيئڻ جي شين خاص ڪري ملاوٽ کان پاڪ کير جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. سنڌ فوڊ اٿارٽي پوري صوبي ۾ حفظان جي صحت صفائي سٿرائي جي اصولن جي موجب کائڻ پيئڻ جي شين جي تياري ۽ وڪرو کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون.

بقايا ❋❋❋ 24

گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. حليم عادل شيخ جي امڪاني گرفتاري ۽ ڳجهين انڪوائرين خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ سرڪاري وڪيل لکت ۾ جواب عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. سرڪاري وڪيل موجب حليم عادل شيخ خلاف ڪراچي ۾ 12 انڪوائريون هلي رهيون آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ حليم عادل شيخ کي ڪنهن به گمنام ايف آءِ آر ۾ گرفتاري ۽ ايم پي او جي تحت نظربند ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته عدالت جي اجازت کان سواءِ حليم عادل شيخ کي گرفتار نه ڪيو وڃي. جنهن کان پوءِ عدالت حليم عادل شيخ جي درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا ❋❋❋ 25

المالڪي هڪ بيان ۾ حادثي جي تفصيل ڏني. ترجمان موجب رائل ايئر فورس جو ايف 15 ايس اي فائٽرجيٽ ٽريننگ مشن دوران خميس مشت ۽ ڪنگ خالد ايئربيس جي ٽريننگ ايريا [illegible] شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا ❋❋❋ 26

نيپرا جي اجازت کان پوءِ وفاقي حڪومت بجلي جي قيمت ۾ 3 روپين کان ساڍا 7 روپيه في يونٽ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ماهوار 100 يونٽ تائين ٽيرف ۾ 3 روپيه اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ 100 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙن کي 16.48 روپيه في يونٽ بجلي ملندي. ماهوار 101 کان 200 يونٽ تائين جو ٽيرف 4 روپيه اضافي سان 22.95 روپيه في يونٽ ٿي ويو. نوٽيفڪيشن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ماهوار 300 يونٽ تائين جو ٽيرف 5 روپيه اضافي سان 27.14 روپيه. 400 يونٽ جو ٽيرف 6.50 روپيه اضافي سان 32.03 روپيه في يونٽ ۽ ماهوار 500 يونٽ جو ٽيرف 7.50 روپيه اضافي سان 35.24 روپيه ٿي ويو نوٽيفڪيشن موجب ماهوار 600 يونٽ جو ٽيرف 7.50 روپيه اضافي سان 36.66 روپيه ۽ ماهوار 700 يونٽ کان وڌيڪ جو ٽيرف 7.50 روپيه اضافي سان 42.72 روپيه في يونٽ مقرر ڪيو ويو آهي. سيلز ٽيڪس کان پوءِ وڌ کان وڌ في يونٽ ٽيرف 50.41 روپيه هوندو. نوٽيفڪيشن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته لائف لائن صارفين لاءِ بجلي جون پراڻيون قيمتون برقرار رهنديون جڏهن ته اهڙو اعلان بجلي جي ورهاست ڪندڙ سمورين ڪمپنين سميت ڪي اليڪٽرڪ صارفين تي به هوندو.

بقايا ❋❋❋ 27

موسميات کاتي موجب ڪوئيٽا ۾ جزوي ڪڪر ڇانيل ۽ گرمي پد 21 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو موسميات کاتي مستونگ، پشين، زيارت، ڪوهلو، وب، شيراني، موسيٰ خيل، قلعه سيف الله، قلات، خضدار، سبي، هرنائي، بولان، بارکان، لورالائي، نصيرآباد، ڊيرا بگٽي، آواران، پنجگور، لسبيلا، ڪيچ ۽ جاتي جا دورا ڪيا آهن گوادر ۾ برسات جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن اتر اوڀر ۽ ڏاکڻي بلوچستان ۾ ڪٿي هلڪي هلڪي برسات جو سلسلو اڃا به جاري آهي. نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ترجمان جو چوڻ آهي ته اين 50 ڊنسر کان وب ڊي آءِ خان هاءِ وي کي ٽريفڪ لاءِ بحال ڪيو ويو آهي. اين ايڇ اي ترجمان موجب پنجارا پل تي ٻوڏ ۽ وانگو قبا سعيد سيڪشن تي لينڊ سلائيڊنگ سبب ٽريفڪ معطل آهي. جڏهن ته برتا قلعه سيف الله سيڪشن اين 70 تي ٽريفڪ بحال ڪئي وئي آهي.

بقايا ❋❋❋ 28

ويو آهي ڪالهه 100 انڊيڪس 46682 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا ❋❋❋ 29

ورتي. ڪولمبو ۾ کيڏيل سيريز جي ٻئين ۽ آخري ٽيسٽ ميچ جي چوٿين ڏينهن قومي ٽيم 5 وڪيٽن جي نقصان تي 563 رنسن کان اننگز جي شروعات ڪئي پر 13 رنسن جي اضافي کان پوءِ قومي ٽيم جي ڪپتان اننگز 576 رنسن تي ڊڪليئر ڪري ڇڏي ۽ سريلنڪا خلاف 410 رنسن جي برتري حاصل ڪري ورتي. سلمان علي آغا 132 جڏهن ته محمد رضوان 50 رنسون ٺاهي ناٽ آئوٽ رهيو سريلنڪا جي اوپنر نشان مدوشڪا 33، ڪپتان ڊيموٿ ڪرونا رتني 41، ڪوشل مينڊس 11، ڌننجيا ڊي سلوا 10، سدير اسماراوڪراما 5، دنيش چنديمل هڪ رنس ٺاهي آئوٽ ٿيا. رميش مينڊس 16 رنسن تي اسٽمپ آئوٽ ٿي ويو انجيلو ميٿيوز 50 رنسن سان ڪريز تي موجود هو پاڪستان طرفان سريلنڪا جي 7 رانديگرن کي نعمان علي پويلين جو رستو ڏيکاريو جڏهن ته نسيم شاهه 2 رانديگرن کي آئوٽ ڪيو ياد رهي ته گال ۾ کيڏيل پهرين ٽيسٽ ۾ به پاڪستان سريلنڪا کي 4 وڪيٽن تان شڪست ڏني هئي.

بقايا ❋❋❋ 30

ابڙو ۽ سندس پٽ شهريار ٿلڏي تي مارجي ويا هئا. جڏهن ته عبدالله ابڙو ۽ ارشاد پنهور زخمي ٿي پيا هئا. ڪراچي پوليس جي سربراهه جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته مقتول جي گاڏي ۾ به لائسنس وارو پستول هو پر گاڏي مان ڪا به فائرنگ نه ڪئي وئي. واري واري هنڌ تان نائن ايم ايم ۽ 222 رائيفل جي گولين جا خول مليا آهن. جوابدارن چئني پاسن کان گاڏي جو گهيرو ڪري فائرنگ ڪئي. واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ جو نتيجو لڳي رهيو آهي. ايس ايس پي سائوٿ اسد رضا چيو آهي ته لڳي ٿو ته واقعي ۾ ملوث جوابدار ٻئي شهر کان آيا هئا. جوابدارن فائرنگ کان اڳ منصوبه بندي ڪئي هئي جوابدارن جي روٽ ۽ پلان جي منصوبه بندي بابت ڄاڻ ملي آهي. جوابدارن خيابان شمشير کان گاڏي جو پيڇو ڪيو ۽ ڊفينس فيز 7 جي ويجهو گاڏي تي فائرنگ ڪئي. ايس ايس پي ٻڌايو ته جنهن جڳهه تي فائرنگ ڪئي وئي اتي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳل نه هئي. هوڏانهن ڊي آءِ جي سنڌ واقعي جي جاچ لاءِ 9 رڪني جاچ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. ڪميٽي ڊي آءِ جي سائوٿ عرفان بلوچ جي سربراهي ۾ ٺاهي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪميٽي ۾ ايس ايس پي سائوٿ اسد رضا، ايس ايس پي جيڪب آباد ثمير نور، ايس پي انويسٽيگيشن سائوٿ ابريز عباسي، انچارج سي ٽي ڊي راجا عمر خطاب، ڊي ايس پي ڊفينس آغا اصغر، ايس ايڇ او ۽ ايس آءِ ۽ ڊفينس ٿاڻي کي به ڪميٽي جو حصو بڻايو ويو آهي. ان کان علاوه انچارج آءِ ٽي سيڪشن جيڪب آباد شاهد فهد اعوان به ڪميٽي ۾ شامل آهن.

بقايا سنڌيار 01

اين اي رفيق جمالي، ايم پي اي ظفر لغاري، ايم پي اي عزيز جوڻيجو ۽ فياض ٻٽ وارن تقريب ۾ شرڪت ڪئي، تعمير جو ڪم سماجي تنظيم ٽرديپ ڪندي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت گهرن جي تعمير ۽ دادو ضلعي ۾ اڄ 5 سئو کان وڌيڪ ٻوڏ متاثرن کي مالڪاڻا حقوق ڏنا ويا آهن، دادو ضلعي ۾ 1 لک 64 هزار گهر متاثر، باقي سمورن متاثرن ۾ پڻ سند ورهائي ويندي، بلاول ڀٽو زرداري جو خواب آهي ته ٻوڏ متاثرن کي ڇتون ڏنيون وڃن، بلاول ڀٽو زرداري واعدو ڪيو ته 50 هزار ميهڙ، خيرپورناٿن شاهه ۾ 50 هزار، جوهي ۾ 38 هزار ۽ دادو ۾ 18 هزار آبادگارن لاءِ گهر ٺاهيا ويندا، زمين جا مالڪاڻا حق ڏنا ويندا.

بقايا سنڌيار 02

بلو پنهور چوڪ تي منتي زنجير جو ماتم ڪيو ويو جڏهن ته سيڪيورٽي جا انتظام پڻ بهتر ڪيا ويا ايس ايس پي غلام نبي جي احڪامن تي ايس ايڇ او بلڙي ارباب الهه وسايو پاران سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مولا حسين ۽ سندن جانثارن پاران دين خاطر لازوال قرباني جي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ اسان دنيا کي اهو ٻڌائيندا آهيون ته ڪربلا ۾ جنگ نه بلڪ ظلم ٿيو آهي مولا حسين جي شهادت انسانيت لاءِ دين جو درس آهي جڏهن ته ان موقعي تي هر هنڌ سبيل ۽ نياز جو بندوبست پڻ ڪيل هو جنهن کان پوءِ مختلف پڙن کان ٿيندو شام جو مبين حيدري جي پڙ تي نحر ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ مولوي ناظم علي جعفري مجلس عزا ڪندو سينه زني ڪانپوءِ نياز لنگر جو پڻ اهتمام ڪيل آهي

بقايا سنڌيار 03

جريب زرعي زمين تي امداد ڪوڪر ۽ سندس جي ساٿيجن قبضو ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي جاويد کي گرفتار ڪرايو آهي : محمد يونس ڪوڪر تفصيل موجب : ميرو خان پرسان ڳوٺ شهپر ڏڙا جي رهواسي محمد يونس ڪوڪر پاران 32 جريب زرعي زمين تي بااثرن طرفان مبينا قبضي ڪرڻ ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي معصوم ٻارڙن ۽ عورتن سميت نڪتڻ اس ۾ عوامي پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن محمد يونس ڪوڪر، محمد اسماعيل ڪوڪر، مجاهد ڪوڪر، شوڪت ڪوڪر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ اڳيان اسان جي والد جي 32 جريب زرعي زمين تي ميروخان ٽائون ڪاميٽي جي اڳوڻي ٽائون آفيسر امداد علي ڪوڪر گلشير ڪوڪر رفيق ڪوڪر ۽ سندس جي ساٿيجن نادر ڪوڪر صابر ڪوڪر صدر ڪوڪر پاران زبردستي قبضو ڪري اسان جي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي جاويد ڪوڪر کي ٽي هفتا اڳ گرفتار ڪرايو آهي جاويد جي ضمانت ڪرائڻ لاءِ اسان پنهنجي ڪاتي جي زمين جا ڪاغذ ميروخان مختيارڪار سعيد احمد جوکيو کئي وياسين مختيارڪار به بااثرن جي وانگار وهندي ڪاغذن تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هٿن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڊي ايس پي ميروخان وٽ مسئلي جي حل لاءِ ڳالهيون ٿيون جنهن ۾ ٻنهي ڌرين فيصلي ڪرائڻ تي راضي ٿيا پر ان جي باوجود به هر روز نوان ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته انصاف ڪيو وڃي ۽ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

ضياءِ شمسي، حاجي عثمان ۽ ٻين سرڪاري توڙي غير سرڪاري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي شفيق عرف منا پاٿي ۽ ٻين چيو ته ڪربلا جي شهيدن جي بي مثال قرباني پوري انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي، هي واقعو هڪ تاريخي، مثالي ۽ عزم ۽ آزادي سان ڀرپور آهي، جنهن جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. شيعن ڪانسواءِ سمورا شهري ان عزاداريءَ جي سلسلي ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪن هنن چيو ته هي حسيني نگر ۽ نياز تا قيامت هميشه جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 05

سنڌ پوليس هڪ اهم پيغام جاري ڪيو آهي، جنهن موجب شهر پوليس سان سهڪار ڪندي محرم الحرام جي مقدس ڏهاڙي تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو پائيچاري، مذهبي رواداري ۽ پائيچاري جي قيام لاءِ ڪنهن به قسم جي مذهبي ڏڦيڙ پکيڙيندڙ امن جي ڀڪڙي جو سبب بڻجي سگهي ٿو سوشل ميڊيا تي اشتعال انگيز پوسٽون پوسٽ ڪرڻ به قانوني جرم آهي، ان خلاف فوري ڪارروائي ڪئي ويندي. سائبر ڪرائم ايڪٽ، هر شهري کي گهرجي ته قانون جي پاسداري ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي، جڏهن ته قانون جي ڀڪڙي ڪرڻ ڏوهه آهي، ان ڪري ان جي ڀڪڙي ڪندڙ ڪنهن به رعايت جو مستحق نه هوندو ماڻهن ۽ لاوارث شين تي نظر رکي ۽ فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي، پنهنجي تقريرن ذريعي بين المذاهب ۽ بين المذهبي هم آهنگي کي فروغ ڏيو بين المسلمين کي عام ڪريو ته جيئن امت مسلمه کي هر قسم جي انتشار کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 06

ڊرٽو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ خواجه سراءِ شهزادي پيرزادو سمرن خان، ماريا، فهيم، بدر عباسي، سميت ٻين دانهيندي چيو ته يو اين ڊي پي ۽ وفاقي حڪومت طرفان اسان جي ڪراچي، حيدرآباد، سکر لاڙڪاڻي ۾ ايڇ آءِ وي سميت ٻين بيماري جي ڦهلاءَ کان بچاءَ لاءِ ڪم ڪندڙ 101 ڄڻن کي 18 تاريخ کان سروس ختم ڪري ڇڏي آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن چيو اسان جي ٽيم بهتر ڪم ڪري بيمارين ڦلجڻ کان بچاءَ لاءِ خواجه سرائن کي تربيت ڏيندي ڪيٽريون ٿي کي جاڻ ڏني هنن بيمارين ڦهلجڻ کان بچاءَ لاءِ اپاءَ ورتا آهين پر تنهن باوجود اسان کي فارغ ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري اسان مالي مشڪلاتن جي ورچڙهي ويا آهيون. هنن مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي اسان جون نوڪريون بحال ڪري چانيل بي چيني ختم ڪئي وڃي نت ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ سان ملاقات ڪئي، وفد ۾ ناظم الامور علام قاضي غلام رضا، غلام قمبر ڪلهوڙو، پرويز سانگي، ذوالفقار مگسي، منظور سانگي، وحيد شاهاڻي ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي اڳواڻن طرفان پوري ڊويزن ۾ عزاداري جي جلوس ۽ مجلس جي پروگرامن جي حوالي سان سيڪيورٽي خدشن بابت ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کي آگاهه ڪيو ويو جنهن تي ڊي آءِ لاڳاپيل ضلعن جي ايس ايس پيز کي فوري طور هدايت ڪئي ته تحريڪ نفاذ فقه جعفريه جي اڳواڻن کي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عزاداري بابت هدايتون به جاري ڪيون.

بقايا سنڌيار 08

انهن کي دل وندرائڻ لاءِ راندين تي وي جهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر نه ڇڏي آهي ۾ ڊسٽرڪٽ جيلر ۽ سنڌس عملو قانون کان هٽي ڪري جيل اندر قيدين مٿان پنهنجا هٿرادو قانون موڙي ۽ پنهنجي خانگي آمدني وڌائي لاءِ جنهن ۾ قيدي سان ملاقات لاءِ ايندڙ عزيز کان 200 کان 300 روپيا فيس مقرر ڪيل آهي، قيدين جي عزيزن پاران موڪليل سامان ۾ به اڌ جا ڀاڱي پائيوار آهن اها آهي جيل اندر جيل انتظاميا قيدين جي اصلاح تربيت ڪرڻ جي بدران انهن کي اجا وڌيڪ ڏوهن ڪرڻ جي تربيت ڏئي رهي آهي ته جيئن سنڌ جا جيل ڪالي نه ٿين ۾ پريل هجن ٻئي طرف دادو عدالتن جي وڪيلن جي منجهين پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيشن ڪورٽ جو وڪالت نامون BFORE ME ڪرائڻ جا 300 روپيا ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 کان 700 روپيا ورتا وڃن ٿا ۽ با خبر ذريعن کان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته وارثن کان سيشن ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 1000 کان 1200 روپيا ورتا وڃن ٿا، قيدين سان ملاقات لاءِ ايندڙ رشتيدارن، دوستن کان 200 کان 300 روپيا ورتا ٿا وڃن جيڪو پڻ حصو عملي ۾ حصو پتي ڪيو ٿو وڃي، انهي باهرين آمدني مان جيلر، ڪلارڪ، ۽ سپاهين جا وڏين شهرن ۾ انهن جا بنگلا آهن انهن جي اثاثن جي جانچ ڪئي وڃي ته وڏا راز ڪلندا ۾ تحقيقات ڪير ڪري، ان سان گڏ جيڪي جيل اندر قيدي مختلف ڏوهن ۾ قيد آهن انهن کي عدالتن ذريعي انصاف ۽ سنڌن پرگهور لهڻ جو اختيار موجود آهي قيدين جي اصلاح تڏهن ٿيندي جڏهن اسان جون عدالتون صحيح تريقي سان انهن قيدين جي داد رسي کي ٻڌن ته عدالتن اندر جيل انتظاميا خلاف ڪئي ٿي ممڻ مچ ٻري پوندا، ٻئي پاسي ايس ايس پي جيل دادو امتياز سومرو پنهنجو موقف ڏيندي ٻڌايو ته منهنجي اچڻ ڪانپوءِ مان پاڻ هر ڪم تي نظر رکندو آهيان وڪالت نامي جي ڪابه سرڪاري فيس وغيره مقرر نه آهي اگر ڪو پوليس وارو پئسا گهري ته مونکي ان شخص جي خلاف لکت ۾ شڪايت ڪري اهلڪار جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، اهڙي جيل انتظاميا جي عملي جي خلاف ڪنهن به شخص کي ڪابه شڪايت هجي ته لکت ۾ درخواست ڏين ان جو ازالو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 09

فوتين جا مڙهه بجل واهه پهچايا ويا جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا خبر موجب ته ڏينهن اڳ ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن پاران ٽارگيٽ ڪلنگ ذريعي قتل ڪيل جيڪب آباد جي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي پياءُ شهري اتحاد جيڪب آباد جي صدر محمد اڪرم ابڙو، پاٽتي شهريار علي ابڙو جا مڙهه ڪراچي کان اباڻي شهر جيڪب آباد پهچايا ويا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو شهري اوڇنگارون ڏئي مڙهن مٿان روئندا رهيا جڏهن ته آخري ديدار ڪرڻ بعد مڙهن کي شهر جي ٽائون هال گرائونڊ تي پهچايو ويو جتي فوتين جي نماز جنازا ادا ڪئي جنهن ۾ هزارين شهرين سميت ايم پي اي ڳڙهي خيرو مير ممتاز حسين جکراڻي، اڳوڻي ايم پي اي مير اورنگزيب پنهور، ايم پي اي نل ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي، ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ، ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا، ايم پي اي سردار شهريار خان شر، بلوچستان جي اڳوڻي صوبائي وزير مير ماجد خان ابڙو، جي ڪيو ايم جي مير مجتبيٰ مراد ابڙو، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، جي يو آءِ جي ڊاڪٽر اي جي انصاري، پي پي پي شهيد ڀٽو جي نديم قريشي، مير محبوب علي سومرو، مير انور خان سومرو، حاجي گل حسن سومرو سميت ابڙا برادري سان تعلق رکندڙ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد فوتين جي مڙهن کي بجل واهه نيو ويو جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتين جو تڏو ابڙو هائوس تي رکيو ويو آهي جتي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 10

علي اصغر جي جهولن وارو ماتمي جلوس برآمد ٿي ويو ماتمي جلوس ۾ پرپاسي جي علائقن کان آيل 60 کان وڌيڪ انجمنن جي شرڪت ماتمي جلوس ۾ وڏي تعداد ۾ شريڪ عزادار مومنن پاران ماتم نواحا خواني ۽ زنجير زني ڪئي ڪري ڪربلا جي شهيدن جي ڏنل عظيم قرباني تي ڪين زبردست نموني پيتا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ڪيون پيون وڃن سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا پوليس پاران شهر جي مين بازار بند ڪرائي شهر جا داخلي رستا بند ڪيا ويا جلوس وارن رستن تي سبيل ۽ نياز جا اسٽال پڻ لڳايا ويا آهن جلوس سڄو ڏينهن مختلف رستن تي رهڻ بعد شام 5 وڳي واپس مرڪزي امام بارگاهه تي نهر ٿيندو

بقايا سنڌيار 11

. پوليس اهو ڪيس سبحان الله ڪالوني جي رهواسي وڪيل گلزار علي عالماڻي جي فرياد تي داخل ڪيو ڪيس ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته 13 جولاءِ 2023ع تي ارشاد علي جاگيراڻي ۽ آرٽسٽ روبي علي فيس بڪ آءِ ڊي تان غير اخلاقي پوسٽون شيئر ڪيون جنهن تان هن ڪين پنهنجي آءِ ڊي ذريعي قانوني ڪارروائي ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رجوع ڪرڻ جو چيو ته مجرجي ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ويون. فريادي موجب ته ٻئي ڏينهن 14 جون 2023ع تي صبح جي وقت سنڌس گهر جو دروازو ڪڙڪيو در کوليو ته موٽرسائيڪل تي پٽ ٻڌل 2 اڻڄاتل ماڻهو بيٺل هئا جن ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ته اوهان روبي ۽ ارشاد خلاف قانوني ڪارروائي جي حوالي سان پوسٽ چو رکي آهي، جيڪڏهن آئنده ڪا پوسٽ رکي ته جاني ۽ مالي نقصان جو ذميوار پاڻ هوندو. وڪيل موجب ته جنهن بعد اهڙي درخواست هن سيشن ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي جيڪا ٻڌڻ جوڳي قرار ڏيندي عدالت نائينٿ ايڊيشنل سيشن جج کي ڪارروائي هلائڻ لاءِ امائي جنهن 5 جولاءِ تي هتڙي ٿاڻي جي پوليس کي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۾ پوليس ڪيس داخل نه ڪيو جنهن بعد هن توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي، توهين عدالت جي درخواست تي عدالت ٻيهر هتڙي پوليس کي حڪم ڏنو ته فوري طور ڪيس داخل ڪري رپورٽ عدالت کي فراهم ڪئي وڃي، رابطو ڪرڻ تي فريادي وڪيل گلزار عالماڻي چيو ته عدالتي حڪم بعد پوليس هڪ ڏينهن اڳ رات جو 25 جولاءِ واري تاريخ جاڻائي ڪيس داخل ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 12

پسند جي شادي ڪئي هئي هاڻي اسان جا عزيز جاني دشمن بڻجي ويا آهن هو اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ ڳولا رهيا آهن حياتين جي خطري سان دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي ويا آهن اسان جا عزيز اسان کي ڪنهن وقت قتل ڪري ڇڏيندا اعلي اختياريون حياتين جو تحفظ ڏيئي اسان کي انصاف فراهم ڪري

بقايا سنڌيار 13

جا پاڻي پٽ عبدالقدير امين ڪوسو عيان علي ڪوسو ۽ گهرواري ان سان گڏ ڊي جي فوت ٿيڻ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪرڻ سان زخمي ٿيل ٽن عورتن جي صحتيابي جي لاءِ دعا ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ ممتاز عباسي، ممتاز جوڳي، الهداد سرڪي، گل مولائي، شمن شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 14

الحوائج، شهنشاهِ وفا حضرت غازي عباس علمدار حسيني فوج جو سالار آهي، جنهن ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي فوج جي 9 لک فوج جو ساهه مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو هو مولانا غلام علي حسيني مجلسِ عزا کي وڌيڪ خطاب ڪندي چيو ته باب الحوائج، شهنشاهِ وفا حضرت غازي عباس علمدار جو علم سموري ڪائنات ۾ سدا بلند رهندو آهي، مجلسِ عزا کان بعد مؤمنن ۾ نياز نذر تقسيم ڪيو ويو جڏهن ته سيڪيورٽي جي حوالي سان سخت انتظام ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 15

تي صفائي ستھرائي ڪرائي. خبر موجب ميونسپل ڪاميٽي گمبٽ جي چيئرمين حاجي عبداللطيف شيخ ۽ وائيس چيئرمين سيد سجاد حيدر شاهه بخاري، ميونسپل جي مشينري ۽ صفائي وارو ماتحت عملو ساڻ ڪري شهر ۾ بيٺل برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو ۽ محرالحرام جي سلسلي ۾ ڪٺيي واري ماتمي جلوس جي مقرر روٽن جي صفائي ستھرائي پڻ ڪرائي ان سلسلي ۾ چيئرمين حاجي عبداللطيف شيخ ٻڌايو ته شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ گذريل رات کان ئي ڪم شروع ڪيو ڏينهن جو صفائي وارو عملو مشينري سميت ساڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو ۽ ماتمي جلوسن جي رستن تان گپ چڪ ۽ ڪچرو ڪٺائي صاف ڪرايو ڪچن ملازمن مان هرسال ٻن ملازمن کي ميونسپل طرفان عمرو ڪرايو ويندو، چيئرمين ميونسپل وڌيڪ چيو ته گمبٽ مان برساتي يا گٽرن جو گندو پاڻي فوري طور تي نيڪال ڪرڻ لاءِ جلد ئي سنڌ حڪومت کان جديد مشينري جي لکت ۾ گهر ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 16

تي ريا يوسي چيئرمين جي ساراهه پڻ ڪئي، ان موقعي تي يوسي چيئرمين عمر ڍهو سرحد نور حسن ملڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ذميواري آهي شهرين سان هر ڏک سک ۾ ٻيلا هجون ۽ پنهنجو فرض سمجهي عوام جي خدمت جاري رکون ۽ ڏينهن رات گڏ ٻيلا هجون هن وڌيڪ چيو اسان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين سردار بنگل خان مهر کي ليٽر لکيو آهي انشاء الله سرحد شهر کي ڊرينج سسٽم ڏيارايو ويندو هوڏانهن سماجي اڳواڻ ثناءِ سومرو ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته اسان کي سرحد شهر ۾ پهريون دفعو يوسي چيئرمين ايماندار ۽ عوام جو همدرد مليو آهي جنهن پنهنجو عوامي فرض سمجهي هلندڙ برسات ۾ رات جو پوري يوسي جو پاڻي ڪڍرائي شهر کي صاف سٿرو ڪري عوام جي دل ڪٽي ورتي آهي.

بقايا سنڌيار 17

۽ مجلس عزا برپا ڪئي پئي تي وچي جڏهن ته مرڪزي امام بارگاهه ويراڳي ۾ ذاڪر منصور حيدر ۽ مولوي محسن سولنگي امام بارگاهه مظلوم ڪربلا ۾ سيد انور شاهه ۽ مولوي قاضي مقبول درگاهه سخي جوڌهيل شاهه ۾ علاما امجد علوي ۽ امام بارگاهه ولايت علي اميرالمومنين ۾ ذاڪر سيد سليم شاهه ۽ پروفيسر حسين مصطفيٰ خميني انصاري ۽ امام بارگاهه قمر بني هاشم ۾ مولوي وزير علي مهلوي، پير ميان چتن شاهه تي مولوي حسنين رضا سولنگي تي ذاڪر ۽ قصيده خوان هر روز نظراني عقيدت پيش ڪندا آهن ۽ عزاداري پڻ ڪئي ويندي آهي ۽ نياز امام حسين ع ۽ سبيل جنهن ۾ شربت ۽ چانهه جي سبيل پڻ امام بارگاهن سميت رستن تي قائم ڪئمپ تي هر روز تقسيم ڪيو ويندو آهي جڏهن سيڪيورٽي جا انتظام مختار اسٽوڊنٽ ۽ مختار فورس ۽ ٺٽون ڊيرو پوليس پڻ سخت ڪيا آهن هر ايندڙ ويندڙ ماڻهون تي نظر پڻ رکي وچي ٿي.

بقايا سنڌيار 18

وين علائقي واسين جي مسسل شاخ ۾ ڳولا جاري 18 ڪلاڪن بعد لاش هٿ آيو پوليس ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو نينگر جي وارثن نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو گهر ۾ سوڳ وارو ماحول ياد رهي ته اطلاع باوجود تعلقي ۽ انتظاميه نه پهتي

بقايا سنڌيار 19

پاران سيد پيرل شاهه، سيد فقير علي شاهه، سيد فرحاد عباس شاهه ۽ سيد احسن عباس شاهه لطيفي جي ميزباني ۾ باهه تي ماتم جو اهتمام ڪيو ويو مرحوم سيد ضمير حسين شاهه لطيفي جي جي روايت کي برقرار رکندي سنت زينب السلام ادا ڪئي وئي باهه تي ماتم لاءِ 20 فٽ ڊگهي ۽ 3 فٽ ويڪري خندق ۾ سب کان پهرين سيد پرويز علي شاهه جي اڳواڻي ۾ 14 درلهن کي ساٿو ويس اوڍي گذاريو ويو جنهن بعد مختلف علائقن مان آيل هزارين مومنن پيرين اگهاڙي باهه تي ماتم ڪيو مومنن يا حسين يا حسين جي بلند صدا سان پيرين اگهاڙي 100 من ڪاٺ جي ٽانڊن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪندي رينجرز به مقرر ڪئي وئي ۽ آخر ۾ خندق ڪميٽي طرفان مومنن ۾ لنگر نياز به تقسيم ڪيو ويو جڏهن ته انجمن شيعان حيدر قرار خندق ڪميٽي ۽ انجمن غلامان اهلبيت طرفان تعزين، سيجن، ذوالجناح ۽ الم پاڪن سان ماتمي جلوس به برآمد ڪيو ويو جنهن ۾ مومنن طرفان سينا زني، نوحه خواني ۽ زنجيرن جو ماتم به ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 20

تي ٿي 13 سالن کان مٿي عمر وارا ماڻهو ميٽرڪ ۾ داخلا وٺي سگهن ٿا شاگردن جي سهولت لاءِ پنهنجي ويجهن علائقن ۾ سوئفٽ سينٽر پڻ شروع ڪيا آهن ته جيئن شاگرد آساني سان آن لائين داخلا وٺي سگهن. ان کان علاوه، فارم پڻ هارڊ ڪاپي ۾ وڪرو پوائنٽن تي دستياب آهن. سمورن استادن، پارٽ ٽائيم ريجنل ڪوآرڊينيٽرز ۽ دانشورن کي گذارش آهي ته وڌ کان وڌ ٻارن کي ميٽرڪ ۽ ايف ۾ داخل ڪرايو ته جيئن سنڌ ۾ شعور ۽ جاڳ پيدا ٿي سگهي جيڪا هڪ خوشحال ۽ ترقي يافته سماج جي بنيادي شرط آهي

بقايا سنڌيار 21

۽ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جون شڪايتون ڪيون، جتي ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين پير زين العابدين شاهه جيلاني مڪلي شاهه لطيف ڪالوني جي رهواسين کي خاطري ڪرائي ته سنڌن جائز مسئلا 10 محرم الحرام ڪانپوءِ اوليت جي بنيادن تي سنڌس نگراني ۾ حل ڪيا ويندا، جنهن ۾ ڪين واٽر سپلاءِ جون نيون لائينون لڳرائي پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ختم ڪرائڻ سميت سنڌن گليون پڻ صاف ستريون ڪرائي ڪين پريشاني کان بچايو ويندو. هن چيو ته اسان عوام جا خادم اهيون ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيا اهيون، هو بي فڪر رهن، سنڌن سمورا مسئلا حل ڪيا ويندا، شهري به سنڌن ساٿ ڏين ان موقعي تي عبدالستار چانڊيو اعجاز چانڊيو آفتاب چانڊيو محمود چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 22

افغانين کي ڏنا ويا جن تي اڏاوت جو ڪم به شروع ڪيو ويو آهي ذريعن انڪشاف ڪيو آهي لينڊ مافيا جي گل زمان ۽ شير آغا پاران افغانين کي ڪارنر پلاٽ الاٽ ڪيا ويا جن ڪارنر پلاٽ خريد ڪري انهن تي اڏاوت جو ڪم پڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي پوليس چيڪ پوسٽ جي سرڪاري فرنٽ زمين يعني پلاٽ جو روڊ وارو حصو ڪارنر پلاٽ افغانين پناهگيرن کي ڏنو ويو آهي جيڪو عمل ملڪ ۽ قوم سان غداري آهي، ٻئي طرف سنڌ جي ساجاهه وندن اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ ملمت ڪندي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي، ڊي جي رينجرز ۽ تمام اعلي ادارن کان مطالبو ڪيو ته سرڪاري زمين جو سودو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪري پلاٽ افغانين کي ڏيڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ خواجه سرائن کي صحت جو سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ برانچز ڪوليون هيون. جاڻايل برانچز ۾ 104 خواجه سرائن کي پرتي ڪري ٽريننگ ڏني وئي ته هو ايڇ آءِ وي سميت ٻين بيمارين م مبتلا خواجه سرائن کي آگاهي ڏين ته جيئن هو پنهنجو بهتر علاج ڪرائي سگهن هنن چيو ته جيئا فائونڊيشن 2018ع کان خواجه سرائن جي صحت لاءِ پتوڙي رهي آهي. يو اين ڊي پي جي سهڪار سان بي سهارا خواجه سرائن کي بيمارين کان آگاهي ڏيڻ سان گڏ سنڌن علاج لاءِ راضي ڪيو پئي ويو جنهن بعد انهن پنهنجي رجسٽريشن ڪرائڻ شروع ڪئي هئي پر اوچتو يو اين ڊي پي 18 جولاءِ تي رڳو هڪ ميل ذريعي آگاهي ڏني آهي ته هاڻي ڪين هو ڪا به سروس فراهم نه ڪندا. هنن چيو ته رڳو حيدرآباد ۾ ٿيل هيستائين واري رجسٽريشن سان ظاهر ٿيو آهي ته 6.4 سيڪڙو خواجه سرا ايڇ آءِ وي مرض ۾ مبتلا آهن. هاڻي انهن جو ڇا ٿيندو جڏهن ته 5 ئي برانچز ۾ ملازمت ڪندڙ خواجه سرا بي کهڙي ملازمت ڪندا جنهن سان سنڌن گذر سفر ٿيندو. هنن چيو ته منصوبو بند ٿيڻ بعد بيمارين ۾ مبتلا خواجه سرا علاج جون سهولتون بند ٿيڻ بعد سخت متاثر ٿيندا ۽ ملازمت ڪندڙ خواجه سرائن کي به ٻيهر گهٽين تڙي بازارن ۾ پني پيٽ گذر ڪرڻو پوندو. ملڪ ۾ وفاقي حڪومت جي منظوري بعد يو اين ڊي پي خواجه سرائن جي صحت سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ مختلف قسم جا منصوبا شروع ڪيا آهن پر سمورا منصوبا ڇڏي رڳو خواجه سرائن کي صحت جي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل منصوبو بنا سبب جي بند ڪرڻ ڪين سمجهه نٿو اچي ان لاءِ يو اين ڊي پي سميت ٻيا ادارا معاملي جو نوٽيس وٺن ته جيئن خواجه سرائن جي صحت واري اهم معاملي تي سنڌن ڪم جاري رهي سگهي

بقايا سنڌيار 24

تي موبائل [illegible] 8 وڳي کان رات 12 وڳي تائين [illegible] بند [illegible] سيڪيورٽي کي [illegible] خط [illegible] 9 ۽ 10 محرم تي دادو ۾ [illegible] سيڪيورٽي جا خدشا [illegible]

بقايا سنڌيار 25

۽ زخمي کي [illegible] حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو [illegible] ضروري ڪارروائي [illegible] ڪري زخمي [illegible] فوتي جو لاش [illegible] مجي ويو

بقايا سنڌيار 26

گهٽين جي وزٽ ڪئي چيئرمين حاجي نور محمد نظاماڻي شهرين کي چيو توهان مون کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو اڄ اٿون چيئرمين ٿيو آهيان توهان جي محبتن جي ڪري هاڻي منهنجو فرض آهي توهان جي خدمت ڪريان منهنجو مشن آهي ٽائون ڪاميٽي پيارولنڊ کي ماڊرن شهر بڻايون شهر جي هر چونڪ تي گند ڪچري لاءِ باڪس رکيا ويندا ۽ صفائي سترائي جو مثال قائم ڪريون عوام جي شڪايت لاءِ آفيس جا 24ڪلاڪ دروازا کليل آهن جيڪڏهن ٽائون جي ڪنهن به ملازم جي شڪايت هوندي انهي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ٽائون ڪاميٽي جي عوام جو سهڪار ضروري آهي انهي کان پوءِ چيئرمين حاجي نور محمد نظاماڻي پيارولنڊ جي مرڪزي امام بارگاهه جي ماتمي جلوس جي روٽ جو به جائزو ورتو

بقايا سنڌيار 27

جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن. يسيڪيورٽي روٽن تي اعزادارن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ روٽ ڪليئر ڪرايا ويندا ته جيئن اعزادارن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿي سگهي، هن چيو ته ليڊيز امام بارگاهن تي به عزادار عورتن جي لاءِ ليڊ پوليس کي مقرر ڪيو ويو آهي 8، 9 ۽ 10محرم تي سجاول شهر ۾ ماتمي جلوس تي به نگراني انتهائي سخت ڪئي ويندي، پوليس جي وڏي نفري سان گڏ رينجرز کي به مقرر ڪيو ويندو. اميد ته خيريت سان محرم الحرام جا ڏهاڙا گذري ويندا.

بقايا سنڌيار 28

۽ پرپاسن واري علائقن ۾ تيز هوا سان گڏ زوردار برسات پوڻ سبب سکر شهر جي مليٽري روڊ، ڊڪ روڊ، شاهي بازار، پراڻو سکر، وسپور محلا، بکر چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ روڊن ۽ رستن سميت گهرن ۾ ڪن تي فوٽ پاڻي بيهجي ويو آهي، ٽي ڪلاڪن تائين مسلسل پيل برسات ۾ سرڪاري مشينري ۽ ميونسپل ڪارپوريشن عملدار غائب ٿي ويا طوفاني برسات سبب غريبن جا ڪکاون گهر پٽ ٿي ويا آهن. جڏهن ته سمينٽڊ ۽ پڪي جائين کي پڻ نقصان رسيو آهي. ٻئي طرف برسات سبب سکر ۽ پرپاسي وارن شهرن ۾ ڪجين جو تيار ٿيل فصل ختم ٿي ويو آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪجي جي آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهتو آهي. جڏهن ته روڻن جي فصل کي پڻ نقصان ٿيو آهي.

بقايا سنڌيار 29

حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ خواجه سرائن کي صحت جو سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ برانچز ڪوليون هيون. جاڻايل برانچز ۾ 104 خواجه سرائن کي پرتي ڪري ٽريننگ ڏني وئي ته هو ايڇ آءِ وي سميت ٻين بيمارين م مبتلا خواجه سرائن کي آگاهي ڏين ته جيئن هو پنهنجو بهتر علاج ڪرائي سگهن هنن چيو ته جيئا فائونڊيشن 2018ع کان خواجه سرائن جي صحت لاءِ پتوڙي رهي آهي. يو اين ڊي پي جي سهڪار سان بي سهارا خواجه سرائن کي بيمارين کان آگاهي ڏيڻ سان گڏ سنڌن علاج لاءِ راضي ڪيو پئي ويو جنهن بعد انهن پنهنجي رجسٽريشن ڪرائڻ شروع ڪئي هئي پر اوچتو يو اين ڊي پي 18 جولاءِ تي رڳو هڪ ميل ذريعي آگاهي ڏني آهي ته هاڻي ڪين هو ڪا به سروس فراهم نه ڪندا. هنن چيو ته رڳو حيدرآباد ۾ ٿيل هيستائين واري رجسٽريشن سان ظاهر ٿيو آهي ته 6.4 سيڪڙو خواجه سرا ايڇ آءِ وي مرض ۾ مبتلا آهن. هاڻي انهن جو ڇا ٿيندو جڏهن ته 5 ئي برانچز ۾ ملازمت ڪندڙ خواجه سرا بي کهڙي ملازمت ڪندا جنهن سان سنڌن گذر سفر ٿيندو. هنن چيو ته منصوبو بند ٿيڻ بعد بيمارين ۾ مبتلا خواجه سرا علاج جون سهولتون بند ٿيڻ بعد سخت متاثر ٿيندا ۽ ملازمت ڪندڙ خواجه سرائن کي به ٻيهر گهٽين تڙي بازارن ۾ پني پيٽ گذر ڪرڻو پوندو. ملڪ ۾ وفاقي حڪومت جي منظوري بعد يو اين ڊي پي خواجه سرائن جي صحت سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ مختلف قسم جا منصوبا شروع ڪيا آهن پر سمورا منصوبا ڇڏي رڳو خواجه سرائن کي صحت جي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل منصوبو بنا سبب جي بند ڪرڻ ڪين سمجهه نٿو اچي ان لاءِ يو اين ڊي پي سميت ٻيا ادارا معاملي جو نوٽيس وٺن ته جيئن خواجه سرائن جي صحت واري اهم معاملي تي سنڌن ڪم جاري رهي سگهي

بقايا سنڌيار 30

ڪئي، مجلس عزا کي خطاب ڪندي ذاڪر اهل البيت علام مختار امامي، مولوي امام الدين لانگاهه چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام ۽ شهداءِ ڪربلا صبر ۽ استقامت جو مظاهرو ڪندي حق ۽ باطل وچ ۾ واضح فرق ڪري ڇڏيو ۽ دنيا وارن کي پيغام ڏنو تج ڪڏهن به باطل اڳيان حق هيٺ نه ٿيندي، پر حق جو ڪنڌ هميشه مٿي هوندو، هنن چيو ته ڪربلا ۾ حضرت امام حسين عليه السلام پاران ڏنل قرباني قيامت تائين سمورن انسانن لاءِ مشعل راهه آهي، ذاڪرن وڌيڪ چيو ته ڪربلا جي ميدان کان وٺي اڄ جي يزيد تي لعنت آهي، ڪربلا جي ميدان ۾ يزيد جي فوج جو تعداد گهڻو هو پر ٻئي پاسي ٻنهي جهانن جي سردار جا ٻچڙا هئا، جن ناني جي دين خاطر ۽ حق سان بيهڻ لاءِ پنهنجو گهر لٽائي ڇڏيو، آخر ۾ آيل مومنن کي لنگر نياز ڪارايو ويو.

بقايا سنڌيار 31

ٽائين اڻڄاتل جاءِ تي رکيو مون تي رشوت ڏيڻ لاءِ دباءُ وڌو رشوت نه ڏيڻ تان پوليس سميع الله کي ڪوڙي چوري جي ڪيس ۾ چالان ڪيو آهي منهنجي پٽ کي بيگناهه تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي، عدالت ۾ پيش ٿيڻ بعد گرفتار سميع الله شيخ ميڊيا آڏو روئيندي ٻڌايو ته هن وقت ٽائين مون تي سخت تشدد ڪيو پيو وڃي ۽ منهنجي والد کان رشوت طلب ڪئي پئي وڃي مظاهرين ۽ گرفتار سمع الله شيخ لاڳاپي اختيارن کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 32

ويو آهي، بااثر قبضي خورن اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار قمبر سان ملي ڀڳت ڪري منهنجي زمين تي جعلي زمين جا دستاويز ناهي قبضو ڪري ورتو آهي. پوليس جي مدد سان منهنجا گهر ڊاهي پٽ ڪري لکين روپين جو سامان ڦري ويا منهنجو مطالبو آهي ته منهنجي ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي منهنجي بيگناهه ماڻهن کي آزاد ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ هن ڪيس ۾ ملوث ماڻهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

جلوس مرڪزي امام بارگاهه کان ٿيندو امام بارگاهه هاشمي پهتو سوين عزادار يا حسين ي حسين ع جي صدائون هڻندي پنهنجي مقرر روايتي رستن تي نڪتا عزادارن سان گڏ انجمن غم دستار حسين ع پڻ نوحه خاني ڪئي، انتظامن جي حوالي سان جلوس جي داخلي ۽ خارجي ۽ گذرگاهن تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا هئا، سيڪيورٽي کي نظر ۾ رکندي پوليس گشت ڪيس ماتمي جلوس امام بارگاهه استاد خير محمد ڪنديراڻي کان شروع ٿيو. جيڪو پنهنجي روايتي رستن تان ٿيندو واپس مڪيه امام بارگاهه بيدل شاهه تي پهچندو. 8 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس استاد خير محمد ڪنديراڻي جي امام بارگاهه کان ڪڍيو ويو، پوليس طرفان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن ماتمي جلوس ۾ درجنين عزادار، ذوالجناح ۽ علم پاڪ جا خدمتگار امام بارگاهن جا قافلي ۾ شامل هئا، سوين عزادار پنهنجي مقرر ٿيل روايتي رستن تي نڪتا ۽ ماتمي جلوس ڪڍيا، ماتمي جلوسن ۾ ماتمي جلوس ڪڍيا ويا، سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا، جڏهن ته سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام پڻ ڪيا ويا، پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن پنهنجا فرض سرانجام ڏنا، ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان ٿيندو مقرر هنڌ تي پهتو

بقايا سنڌيار 34

فوتين جا مڙهه بجل واهه پهچايا ويا جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا، خبر موجب ته ڏينهن اڳ ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن پاران ٽارگيٽ ڪلنگ ذريعي قتل ڪيل جيڪب آباد جي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي پياءُ شهري اتحاد جيڪب آباد جي صدر محمد اڪرم ابڙو، پاٽتي شهريار علي ابڙو جا مڙهه ڪراچي کان اباڻي شهر جيڪب آباد پهچايا ويا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو شهري اوڇنگارون ڏئي مڙهن مٿان روئندا رهيا جڏهن ته آخري ديدار ڪرڻ بعد مڙهن کي شهر جي ٽائون هال گرائونڊ تي پهچايو ويو جتي فوتين جي نماز جنازا ادا ڪئي جنهن ۾ هزارين شهرين سميت ايم پي اي ڳڙهي خيرو مير ممتاز حسين جکراڻي، اڳوڻي ايم پي اي مير اورنگزيب پنهور، ايم پي اي نل ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي، ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ، ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا، ايم پي اي سردار شهريار خان شر، بلوچستان جي اڳوڻي صوبائي وزير مير ماجد خان ابڙو، جي ڪيو ايم جي مير مجتبيٰ مراد ابڙو، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، جي يو آءِ جي ڊاڪٽر اي جي انصاري، پي پي پي شهيد ڀٽو جي نديم قريشي، مير محبوب علي سومرو، مير انور خان سومرو، حاجي گل حسن سومرو سميت ابڙا برادري سان تعلق رکندڙ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد فوتين جي مڙهن کي بجل واهه نيو ويو جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتين جو تڏو ابڙو هائوس تي رکيو ويو آهي جتي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. فوتين جا مڙهه بجل واهه پهچايا ويا جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا، خبر موجب ته ڏينهن اڳ ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن پاران ٽارگيٽ ڪلنگ ذريعي قتل ڪيل جيڪب آباد جي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي پياءُ شهري اتحاد جيڪب آباد جي صدر محمد اڪرم ابڙو، پاٽتي شهريار علي ابڙو جا مڙهه ڪراچي کان اباڻي شهر جيڪب آباد پهچايا ويا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو شهري اوڇنگارون ڏئي مڙهن مٿان روئندا رهيا جڏهن ته آخري ديدار ڪرڻ بعد مڙهن کي شهر جي ٽائون هال گرائونڊ تي پهچايو ويو جتي فوتين جي نماز جنازا ادا ڪئي جنهن ۾ هزارين شهرين سميت ايم پي اي ڳڙهي خيرو مير ممتاز حسين جکراڻي، اڳوڻي ايم پي اي مير اورنگزيب پنهور، ايم پي اي نل ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي، ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ، ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا، ايم پي اي سردار شهريار خان شر، بلوچستان جي اڳوڻي صوبائي وزير مير ماجد خان ابڙو، جي ڪيو ايم جي مير مجتبيٰ مراد ابڙو، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، جي يو آءِ جي ڊاڪٽر اي جي انصاري، پي پي پي شهيد ڀٽو جي نديم قريشي، مير محبوب علي سومرو، مير انور خان سومرو، حاجي گل حسن سومرو سميت ابڙا برادري سان تعلق رکندڙ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد فوتين جي مڙهن کي بجل واهه نيو ويو جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتين جو تڏو ابڙو هائوس تي رکيو ويو آهي جتي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. فوتين جا مڙهه بجل واهه پهچايا ويا جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا، خبر موجب ته ڏينهن اڳ ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن پاران ٽارگيٽ ڪلنگ ذريعي قتل ڪيل جيڪب آباد جي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو جي پياءُ شهري اتحاد جيڪب آباد جي صدر محمد اڪرم ابڙو، پاٽتي شهريار علي ابڙو جا مڙهه ڪراچي کان اباڻي شهر جيڪب آباد پهچايا ويا مڙهه ابڙو هائوس پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو شهري اوڇنگارون ڏئي مڙهن مٿان روئندا رهيا جڏهن ته آخري ديدار ڪرڻ بعد مڙهن کي شهر جي ٽائون هال گرائونڊ تي پهچايو ويو جتي فوتين جي نماز جنازا ادا ڪئي جنهن ۾ هزارين شهرين سميت ايم پي اي ڳڙهي خيرو مير ممتاز حسين جکراڻي، اڳوڻي ايم پي اي مير اورنگزيب پنهور، ايم پي اي نل ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي، ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ، ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا، ايم پي اي سردار شهريار خان شر، بلوچستان جي اڳوڻي صوبائي وزير مير ماجد خان ابڙو، جي ڪيو ايم جي مير مجتبيٰ مراد ابڙو، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، جي يو آءِ جي ڊاڪٽر اي جي انصاري، پي پي پي شهيد ڀٽو جي نديم قريشي، مير محبوب علي سومرو، مير انور خان سومرو، حاجي گل حسن سومرو سميت ابڙا برادري سان تعلق رکندڙ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد فوتين جي مڙهن کي بجل واهه نيو ويو جتي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتين جو تڏو ابڙو هائوس تي رکيو ويو آهي جتي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 35

. پوليس اهو ڪيس سبحان الله ڪالوني جي رهواسي وڪيل گلزار علي عالماڻي جي فرياد تي داخل ڪيو ڪيس ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته 13 جولاءِ 2023ع تي ارشاد علي جاگيراڻي ۽ آرٽسٽ روبي علي فيس بڪ آءِ ڊي تان غير اخلاقي پوسٽون شيئر ڪيون جنهن تان هن ڪين پنهنجي آءِ ڊي ذريعي قانوني ڪارروائي ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رجوع ڪرڻ جو چيو ته مجرجي ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ويون. فريادي موجب ته ٻئي ڏينهن 14 جون 2023ع تي صبح جي وقت سنڌس گهر جو دروازو ڪڙڪيو در کوليو ته موٽرسائيڪل تي پٽ ٻڌل 2 اڻڄاتل ماڻهو بيٺل هئا جن ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ته اوهان روبي ۽ ارشاد خلاف قانوني ڪارروائي جي حوالي سان پوسٽ چو رکي آهي، جيڪڏهن آئنده ڪا پوسٽ رکي ته جاني ۽ مالي نقصان جو ذميوار پاڻ هوندو. وڪيل موجب ته جنهن بعد اهڙي درخواست هن سيشن ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي جيڪا ٻڌڻ جوڳي قرار ڏيندي عدالت نائينٿ ايڊيشنل سيشن جج کي ڪارروائي هلائڻ لاءِ امائي جنهن 5 جولاءِ تي هتڙي ٿاڻي جي پوليس کي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۾ پوليس ڪيس داخل نه ڪيو جنهن بعد هن توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي، توهين عدالت جي درخواست تي عدالت ٻيهر هتڙي پوليس کي حڪم ڏنو ته فوري طور ڪيس داخل ڪري رپورٽ عدالت کي فراهم ڪئي وڃي، رابطو ڪرڻ تي فريادي وڪيل گلزار عالماڻي چيو ته عدالتي حڪم بعد پوليس هڪ ڏينهن اڳ رات جو 25 جولاءِ واري تاريخ جاڻائي ڪيس داخل ڪيو آهي. پوليس اهو ڪيس سبحان الله ڪالوني جي رهواسي وڪيل گلزار علي عالماڻي جي فرياد تي داخل ڪيو ڪيس ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته 13 جولاءِ 2023ع تي ارشاد علي جاگيراڻي ۽ آرٽسٽ روبي علي فيس بڪ آءِ ڊي تان غير اخلاقي پوسٽون شيئر ڪيون جنهن تان هن ڪين پنهنجي آءِ ڊي ذريعي قانوني ڪارروائي ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رجوع ڪرڻ جو چيو ته مجرجي ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ويون. فريادي موجب ته ٻئي ڏينهن 14 جون 2023ع تي صبح جي وقت سنڌس گهر جو دروازو ڪڙڪيو در کوليو ته موٽرسائيڪل تي پٽ ٻڌل 2 اڻڄاتل ماڻهو بيٺل هئا جن ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ته اوهان روبي ۽ ارشاد خلاف قانوني ڪارروائي جي حوالي سان پوسٽ چو رکي آهي، جيڪڏهن آئنده ڪا پوسٽ رکي ته جاني ۽ مالي نقصان جو ذميوار پاڻ هوندو. وڪيل موجب ته جنهن بعد اهڙي درخواست هن سيشن ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي جيڪا ٻڌڻ جوڳي قرار ڏيندي عدالت نائينٿ ايڊيشنل سيشن جج کي ڪارروائي هلائڻ لاءِ امائي جنهن 5 جولاءِ تي هتڙي ٿاڻي جي پوليس کي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۾ پوليس ڪيس داخل نه ڪيو جنهن بعد هن توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائي، توهين عدالت جي درخواست تي عدالت ٻيهر هتڙي پوليس کي حڪم ڏنو ته فوري طور ڪيس داخل ڪري رپورٽ عدالت کي فراهم ڪئي وڃي، رابطو ڪرڻ تي فريادي وڪيل گلزار عالماڻي چيو ته عدالتي حڪم بعد پوليس هڪ ڏينهن اڳ رات جو 25 جولاءِ واري تاريخ جاڻائي ڪيس داخل ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 36

انهن کي دل وندرائڻ لاءِ راندين تي وي جهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر نه ڇڏي آهي ۾ ڊسٽرڪٽ جيلر ۽ سنڌس عملو قانون کان هٽي ڪري جيل اندر قيدين مٿان پنهنجا هٿرادو قانون موڙي ۽ پنهنجي خانگي آمدني وڌائي لاءِ جنهن ۾ قيدي سان ملاقات لاءِ ايندڙ عزيز کان 200 کان 300 روپيا فيس مقرر ڪيل آهي، قيدين جي عزيزن پاران موڪليل سامان ۾ به اڌ جا ڀاڱي پائيوار آهن اها آهي جيل اندر جيل انتظاميا قيدين جي اصلاح تربيت ڪرڻ جي بدران انهن کي اجا وڌيڪ ڏوهن ڪرڻ جي تربيت ڏئي رهي آهي ته جيئن سنڌ جا جيل ڪالي نه ٿين ۾ پريل هجن ٻئي طرف دادو عدالتن جي وڪيلن جي منجهين پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيشن ڪورٽ جو وڪالت نامون BFORE ME ڪرائڻ جا 300 روپيا ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 کان 700 روپيا ورتا وڃن ٿا ۽ با خبر ذريعن کان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته وارثن کان سيشن ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 1000 کان 1200 روپيا ورتا وڃن ٿا، قيدين سان ملاقات لاءِ ايندڙ رشتيدارن، دوستن کان 200 کان 300 روپيا ورتا ٿا وڃن جيڪو پڻ حصو عملي ۾ حصو پتي ڪيو ٿو وڃي، انهي باهرين آمدني مان جيلر، ڪلارڪ، ۽ سپاهين جا وڏين شهرن ۾ انهن جا بنگلا آهن انهن جي اثاثن جي جانچ ڪئي وڃي ته وڏا راز ڪلندا ۾ تحقيقات ڪير ڪري، ان سان گڏ جيڪي جيل اندر قيدي مختلف ڏوهن ۾ قيد آهن انهن کي عدالتن ذريعي انصاف ۽ سنڌن پرگهور لهڻ جو اختيار موجود آهي قيدين جي اصلاح تڏهن ٿيندي جڏهن اسان جون عدالتون صحيح تريقي سان انهن قيدين جي داد رسي کي ٻڌن ته عدالتن اندر جيل انتظاميا خلاف ڪئي ٿي ممڻ مچ ٻري پوندا، ٻئي پاسي ايس ايس پي جيل دادو امتياز سومرو پنهنجو موقف ڏيندي ٻڌايو ته منهنجي اچڻ ڪانپوءِ مان پاڻ هر ڪم تي نظر رکندو آهيان وڪالت نامي جي ڪابه سرڪاري فيس وغيره مقرر نه آهي اگر ڪو پوليس وارو پئسا گهري ته مونکي ان شخص جي خلاف لکت ۾ شڪايت ڪري اهلڪار جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، اهڙي جيل انتظاميا جي عملي جي خلاف ڪنهن به شخص کي ڪابه شڪايت هجي ته لکت ۾ درخواست ڏين ان جو ازالو ڪيو ويندو انهن کي دل وندرائڻ لاءِ راندين تي وي جهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر نه ڇڏي آهي ۾ ڊسٽرڪٽ جيلر ۽ سنڌس عملو قانون کان هٽي ڪري جيل اندر قيدين مٿان پنهنجا هٿرادو قانون موڙي ۽ پنهنجي خانگي آمدني وڌائي لاءِ جنهن ۾ قيدي سان ملاقات لاءِ ايندڙ عزيز کان 200 کان 300 روپيا فيس مقرر ڪيل آهي، قيدين جي عزيزن پاران موڪليل سامان ۾ به اڌ جا ڀاڱي پائيوار آهن اها آهي جيل اندر جيل انتظاميا قيدين جي اصلاح تربيت ڪرڻ جي بدران انهن کي اجا وڌيڪ ڏوهن ڪرڻ جي تربيت ڏئي رهي آهي ته جيئن سنڌ جا جيل ڪالي نه ٿين ۾ پريل هجن ٻئي طرف دادو عدالتن جي وڪيلن جي منجهين پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيشن ڪورٽ جو وڪالت نامون BFORE ME ڪرائڻ جا 300 روپيا ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 کان 700 روپيا ورتا وڃن ٿا ۽ با خبر ذريعن کان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته وارثن کان سيشن ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 500 ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت نامي جا 1000 کان 1200 روپيا ورتا وڃن ٿا، قيدين سان ملاقات لاءِ ايندڙ رشتيدارن، دوستن کان 200 کان 300 روپيا ورتا ٿا وڃن جيڪو پڻ حصو عملي ۾ حصو پتي ڪيو ٿو وڃي، انهي باهرين آمدني مان جيلر، ڪلارڪ، ۽ سپاهين جا وڏين شهرن ۾ انهن جا بنگلا آهن انهن جي اثاثن جي جانچ ڪئي وڃي ته وڏا راز ڪلندا ۾ تحقيقات ڪير ڪري، ان سان گڏ جيڪي جيل اندر قيدي مختلف ڏوهن ۾ قيد آهن انهن کي عدالتن ذريعي انصاف ۽ سنڌن پرگهور لهڻ جو اختيار موجود آهي قيدين جي اصلاح تڏهن ٿيندي جڏهن اسان جون عدالتون صحيح تريقي سان انهن قيدين جي داد رسي کي ٻڌن ته عدالتن اندر جيل انتظاميا خلاف ڪئي ٿي ممڻ مچ ٻري پوندا، ٻئي پاسي ايس ايس پي جيل دادو امتياز سومرو پنهنجو موقف ڏيندي ٻڌايو ته منهنجي اچڻ ڪانپوءِ مان پاڻ هر ڪم تي نظر رکندو آهيان وڪالت نامي جي ڪابه سرڪاري فيس وغيره مقرر نه آهي اگر ڪو پوليس وارو پئسا گهري ته مونکي ان شخص جي خلاف لکت ۾ شڪايت ڪري اهلڪار جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، اهڙي جيل انتظاميا جي عملي جي خلاف ڪنهن به شخص کي ڪابه شڪايت هجي ته لکت ۾ درخواست ڏين ان جو ازالو ڪيو ويندو

فاتح خواني / ٽيجهو

پاڪستان پيپلزپارٽي جي شهيد اڳواڻ، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر عبدالله مراد جي والد

۽

ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد جي ڏاڏي

حاجي مراد علي

جي فاتح خواني / ٽيجهو ۽ دعا

اڄ بروز جمع، بتاريخ 28 جولاءِ 2023ع، ڏينهن جو 11 وڳي شايان فارم هائوس ويجهو پاڪستان هول ميمڻ ڳوٺ روڊ مليرِ ۾ ٿيندي، تعزيت جو سلسلو شام تائين جاري رهندو.

سلمان عبدالله مراد

ڊپٽي ميئر

ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن
Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
PRESS

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني **سنڌيار** ڪي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com